ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 25 مارچ 2026 ع 05 شوال المڪرم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 وپيہ شمارو (219)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

حڪومت جو وڏو فيصلو پيٽرول ۽ ڊيزل جو حساب ڪتاب ڏيندڙ شهرين کي تيل ڪوٽا موجب ڏيڻ جو اعلان

وزيراعظم شهباز شريف پيٽروليم شين تي سبسڊي ۾ صوبن کي شامل ڪرڻ لاءِ صدر آصف علي زرداري کي اعتماد ۾ وٺندو ۽ ان سلسلي ۾ ملاقات به طئي ٿي وئي هئي

وفاقي سرڪار پيٽروليم شين تي 100 ارب رپين جي سبسڊي ڏئي چڪي، سڄي ملڪ جو عوام لاڀ حاصل ڪري رهيو آهي، وزيراعظم جون صوبائي حڪومتن سان به سبسڊي ۾ حصو وجهڻ لاءِ ڳالهيون

وفاقي حڪومت پيٽروليم شين جي راشن بندي لاءِ ڊجيٽل نظام آڻي رهي آهي، حڪومت هڪ ايپ تيار ڪري رهي آهي جنهن کي پيٽروليم شين جا واهپيدار ڊائون لوڊ ڪري سگهندا

هر شهري پنهنجي گاڏيءَ جو نمبر ۽ پنهنجو سجاڳ ڪارڊ نمبر لڳرائي ايپ ۾ رجسٽريشن ڪرائيندو حڪومت هر شهري جو سنڌس گهرج ۽ دستيابي موجب پيٽروليم ڪوٽا مقرر ڪندي

هر شهري کي ايپ ۾ طئي ٿيل ڪوٽا موجب روزانو پيٽرول يا ڊيزل ملي سگهندو ۽ ان سلسلي ۾ حڪومت گذريل مارچ کان هلندڙ مارچ تائين پيٽروليم شين جي استعمال جو تقابلي جائزو ورتو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف پيٽروليم شين تي سبسڊي ۾ صوبن کي شامل ڪرڻ لاءِ صدر آصف علي زرداري کي اعتماد ۾ وٺندو ۽ ان سلسلي ۾ اڄ ملاقات جو امڪان آهي جڏهن ته وفاقي حڪومت پيٽروليم شين جي راشن بندي لاءِ ڊجيٽل نظام آڻي رهي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

باقر ذوالقدر ايراني نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جو نئون سيڪريٽري مقرر

اهو اهم عهدو شهيد علي لاريجاني وٽ هو جنهن وڏو عرصو خدمتون سرانجام ڏنيون

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران محمد باقر ذوالقدر کي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جو نئون سيڪريٽري مقرر ڪري بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

حزب الله پاران ميزائل حملن ۾ اسرائيلي فوج کي شديد نقصان پهچائڻ جي دعويٰ

بيروت (ھ ر) لبنان جي مزاحمتي تنظيم حزب الله ميزائل حملن ۾ اسرائيلي فوج کي شديد نقصان پهچائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. حزب الله جو چوڻ آهي ته ڪالهه صبح اتر اسرائيل ۾ ٻن حملن دوران بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير شزا فاطمہ سان گلگت بلتستان جو وفاقي وڏو وزير ملاقات ڪري رهيو آهي

ايران - آمريڪا جنگ روڪرائڻ لاءِ پاڪستان جون ڪوششون، فيلڊ مارشل ۽ صدر ٽرمپ جو رابطو، ڳالهين لاءِ ميزباني جي به دعوت

وائٽ هائوس ايران جنگ جي معاملي تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي آرمي چيف جنرل عاصم منير سان ٽيليفون تي ٿيل ڳالهه ٻولهه جي تصديق ڪري ڇڏي

اهي حساس سفارتي ڳالهيون آهن، ميڊيا ذريعي ڳالهيون نه ڪندو، ملاقاتن بابت اڳڪٿين کي ان وقت تائين حتمي نه سمجهڻ گهرجي، جيستائين وائٽ هائوس اعلان نه ڪري: ترجمان

وزيراعظم پاران وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار جي جامع حل لاءِ ڳالهه ٻولهه جي ڪوششن جي آجيان، ڳالهين جي حمايت ڪريون ٿا ته جيئن خطي ۾ امن قائم ٿئي: شهباز شريف

پاڪستان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ بامعني ۽ لاڳاپيل ڳالهه ٻولهه جي ميزباني لاءِ تيار آهي ۽ ان کي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهي ٿو ته جيئن جاري تڪرار جي جامع حل تائين پهچي سگهجي

پاڪستان پنهنجي پراڻي پاليسي موجب وچ اوڀر/ نار فارس جي جاري تڪرارن کي سفارتي ذريعن ۽ ڳالهه ٻولهه جي ذريعي حل ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي: پرڏيهي کاتي جو ترجمان

سفارتڪاري ۽ ڳالهه ٻولهه اڪثر ان ڳالهه جا گهرجائو هوندا آهن ته ڪجهه معاملن کي رازداري سان اڳتي وڌايو وڃي، ميڊيا کي گذارش آهي ته بي بنياد افواهن کان پاسو ڪري

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ/اي پي پي) پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو آهي ته پاڪستان پنهنجي پراڻي پاليسي موجب وچ اوڀر/ نار فارس جي جاري تڪرارن کي سفارتي ذريعن ۽ ڳالهه ٻولهه جي ذريعي حل ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي ڪالهه اڱاري ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب پرڏيهي وزارت چيو ته سفارتڪاري ۽ ڳالهه ٻولهه اڪثر ان ڳالهه جا گهرجائو هوندا بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نائب وزيراعظم ۽ وفاقي وزير محمد اورنگزيب جي صدارت ۾ تيل قيمتن بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

اسرائيل جا ايران جي اهم توانائي ڍانچن تي فضائي حملا، تهران پاران سڌين ڳالهين جي ترديد

اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ نئين ۽ خطرناڪ موڙ ۾ داخل ٿي وئي، تبريز ۽ اصفهان جي توانائي انفرااسٽرڪچر تي بمباري

حزب الله جي جوابي ڪارروائين ۽ تل ابيب تي ايراني ميزائل حملن اسرائيل ۾ خوف واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي

آمريڪا صدر پاران ڳالهين جي دعويٰ نفسياتي حربو آهي ته جيئن عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جا اگهه گهٽجي سگهن: ايران

تهران/تل ابيب/واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ نئين ۽ خطرناڪ موڙ ۾ داخل ٿي وئي آهي، جتي هڪ طرف آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان معاهدي لاءِ پرعزم هئڻ جون دعوائون بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ امڪاني برساتون: گيانچند اسرائي پاران ادارن کي هاءِ الرٽ رهڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي بابت صلاحڪار گيانچند اسرائي لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي آهي ته سياڻي کان صوبي ۾ متوقع برساتن کي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اتر ڪوريا جي سربراهه جو جوهري صلاحيت وڌائڻ جو اعلان

اسان جو ملڪ ڪڏهن به جوهري هٿيار ختم نه ڪندو: ڪم جونگ ان

جيڪڏهن اتر ڪوريا خلاف ڪو به قدم کنيو ويو ته بي رحمانو جواب ڏنو ويندو

پيونگ يانگ (ويب ڊيسڪ) اتر ڪوريا جي سربراهه ڪم جونگ ان اعلان ڪيو آهي ته اسان جو ملڪ ڪڏهن به جوهري هٿيار ختم نه ڪندو ۽ ايٽمي قوت کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندو رهندو سپريم پيپلز اسيمبلي کي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

آبناءِ هرمز دشمن جي جهازن ڪانسواءِ سڀني لاءِ کليل آهي: ايران

ايران عالمي ميري ٽائم آرگنائزيشن کي بهتر بنائڻ ۾ تعاون جاري رکندو

آبناءِ هرمز جي جيڪا صورتحال آهي ان جو بنيادي سبب ايران تي اسرائيل ۽ آمريڪا جا حملا آهن

لنڊن (اي پي پي) ايران چيو آهي ته آبناءِ هرمز دشمن ڪانسواءِ سڀني لاءِ کليل آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب اها ڳالهه گذريل ڏينهن گڏيل قومن جي ميري ٽائيم ايجنسي ۾ شامل ايران جي نمائندي علي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر اياز صادق ۽ ڊپٽي اسپيڪر گورنر نهال هاشمي سان ملاقات ڪري رهيا آهن

گهرن جي تعمير لاءِ بينڪن کان قرض جي فراهمي دوران ساليانو بنيادن تي اضافو رڪارڊ

فيبروري ۾ گهرن جي تعمير لاءِ بينڪن طرفان فراهم ڪيل قرضن جو ڳاڻيٽو 224 ارب روپيا آهي: اسٽيٽ بئنڪ

گذريل سال فيبروري ۾ گهرن جي تعمير لاءِ بينڪن طرفان مجموعي طور تي 200 ارب رپين جو قرض فراهم ڪيو ويو هو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرن جي تعمير لاءِ فيبروري دوران بينڪن طرفان قرضن جي جاري ڪرڻ ۾ ساليانو بنيادن تي اضافو رڪارڊ ڪيو ويو اسٽيٽ بينڪ مطابق فيبروري ۾ گهرن جي تعمير لاءِ بينڪن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن 26 مارچ تي پيٽرول پمپ بند ڪرڻ جو فيصلو ملتوي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن 26 مارچ کان ملڪ ۾ پيٽرول پمپ بند ڪرڻ جو فيصلو ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي ايسوسيئيشن بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر ايران سان معاهدي لاءِ پُرعزم آهي: اسرائيلي اختياريون

ان ڳالهه جو امڪان گهٽ آهي ته ايران آمريڪي مطالبن کي قبول ڪندو

هن وقت تائين جنگ دوران 4 هزار 829 اسرائيلي زخمين کي اسپتال آندو ويو

تل ابيب (ھ ر) اسرائيلي اختيارين جو چوڻ آهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان معاهدو ڪرڻ لاءِ پُرعزم نظر اچي رهيو آهي جڏهن ته ان ڳالهه جو امڪان گهٽ آهي ته ايران آمريڪي مطالبن کي قبول ڪندو ٻئي پاسي اسرائيلي صحت واري وزير موجب، 28 فيبروري کان هن وقت بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شيري رحمان سان اياز صادق ۽ غلام مصطفيٰ شاهه جي ڏيءَ جي وفات تي تعزيت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ۽ ڊپٽي اسپيڪر بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ايران-آمريڪا ڳالهين جو حصو ناهيون: قطر

اسان جو ڌيان پنهنجي ملڪ تي ٿيندڙ حملن جي خاتمي تي آهي

خميس ڪانپوءِ ايران قطر تي ڪو به ميزائل يا ڊرون حملو ناهي ڪيو

دوحا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قطر جي پرڏيهي کاتي چيو آهي ته هو آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جنگبندي ڪرائڻ واري ڪوشش جو حصو ناهي هڪ پريس بريفنگ دوران قطري پرڏيهي کاتي جي ترجمان ڊاڪٽر ماجد الانصاري جو چوڻ هو ته "اسان جو ڌيان پنهنجي ملڪ تي ٿيندڙ حملن جي خاتمي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ٽي بي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهيون: سينيٽ چيئرمين

ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جامع ۽ اثرائتا قدم جاري آهن

پرڏيهي ملڪن ۾ اهو مرض هن وقت به سنگين چئلينج موجود آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته پاڪستان (ٽي بي) جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي ۽ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جامع ۽ اثرائتا قدم جاري آهن سينيٽ سيڪريٽريٽ مطابق ٽي بي جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي جاري پنهنجي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جهيڙي دوران هڪ شهري مارجي ويو، جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف پوليس اسٽيشن جي حد ۾ جهيڙي دوران هڪ شهري مارجي ويو پوليس بروقت ڪارروائي ڪئي ۽ ڪجهه ڪلاڪن اندر جوابدار کي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جو گڏيل عرب امارات جي هم منصب سان فون تي رابطو

مسئلن جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري ئي واحد قابل عمل رستو آهي: نائب وزيراعظم

ٻنهي اڳواڻن عيد جي مبارڪباد جي ڏي وٽ ڪئي ۽ گڏيل ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار گڏيل عرب امارات جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير شيخ عبدالله بن زايد النهيان سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ڪالهه اڱاري ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن خطي جي بدلجندڙ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سميت سنڌ جي سڀني ضلعن ۾ ترقياتي منصوبا جاري آهن: سيد ناصر حسين شاهه

روهڙي ۾ قائم جديد واٽر فلٽر پلانٽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن جو حصو آهي

جيڪڏهن توانائي جي گهٽتائي ڏکهي عرصي تائين رهي ته لاڪ ڊائون جهڙا قدم پڻ زير غور آڻي سگهجن ٿا

اير ڪيو اير جي ڳالهين کي سنجيدگي سان نه ورتو وڃي ۽ گورنر جي تبديلي جو فيصلو وفاقي حڪومت جو اختيار آهي

سکر (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه سکر جي علائقي روهڙي ۾ قائم نئين واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ جو دورو ڪري ان جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

مانجهند پرسان ڪوچ جو ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان فوت

مانجهند(ن- ع) مانجهند پرسان ڳوٺ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪولمبيا: فوجي جهاز حادثي ۾ فوتگين جو انگ 66 ٿي ويو، ڪيترائي زخمي

فوجي جهاز سي130 هرڪيوليس ڏکڻ سرحدي علائقي طرف روانگي بعد حادثي جو شڪار ٿيو

حادثي جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ رٿ ڪيپٽن: جهاز ۾ 114 فوجي ۽ عملي جا 11 ميمبر سوار هئا: اختياريون

بگوٽا (اي پي پي) ڪولمبيا ۾ فوجي جهاز ٽيڪ آف ڪانپوءِ ڪري تباهه ٿي وڃڻ جي نتيجي ۾ 66 ڄڻا اجل جو شڪار ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا فوجي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو ته هڪ فوجي جهاز سي130 هرڪيوليس ڏکڻ سرحدي علائقي پورٽو ليگوزامو مان روانگي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي آءِ جي سنڌ جي روٽري ڪلب جي ساليانو اجلاس ۾ شرڪت

اجلاس ۾ انتظامي، جمهوري ماڊلز ۽ پوليسنگ انفراسٽرڪچر تي تفصيلي بحث

جديد ۽ ٽيڪنالاجي بهتر پوليسنگ امن قائم رکڻ ۽ ڏوهن روڪڻ لاءِ مستقبل جو حل آهن: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو روٽري ڪلب جي ساليانو اجلاس ۾ شرڪت ڪئي جيڪو مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيو. اجلاس جو موضوع "چيلنجز آف گورننگ سنڌ" هو ۽ ان ۾ روٽري ڪلب ڪراچي جي صدر نائلہ مسعود، اعزازي سيڪريٽري ڏوهير علي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

پ پ قرارداد منظور ڪرائي سنڌ جي وحدت خلاف سازش کي دفن ڪري ڇڏيو آهي: نثار احمد کهڙو

جيستائين پيپلز پارٽي سنڌ اسيمبلي ۾ اڪثريت ۾ آهي تيستائين سنڌ ۾ نئون صوبو ڪڏهن به نه ٺهندو

آئين موجب نئين صوبي لاءِ لاڳاپيل اسيمبلي مان ٻه ٽهائي جي اڪثريت سان قرارداد جي منظوري لازمي آهي

پ پ مالي بجيٽ جي پيش نظر شهيد عوام جي 47 هين ورسي تي ضلعي سطح تي دعائيه تقريبون منعقد ڪندي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو آهي ته پيپلز پارٽي سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد منظور ڪرائي سنڌ جي وحدت خلاف سازش کي دفن ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيستائين بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

سيوهڻ جي لعل باغ وٽ اڙل واهه ۾ ٻڏي ويل ٽينگر جو لاش مليو

سيوهڻ(ن ع) عيد جي ڏينهن 3 ڏينهن اڳ سيوهڻ جي لعل باغ وٽ اڙل واهه ۾ 10 سالن جي ٽينگر جو ٻيڙي تان هيٺ ڪري ٻڏي سيوهڻ جي لعل باغ وٽ اڙل واهه ۾ وهڻ واري واقعي جي 48 ڪلاڪ بعد بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

تپ ڏڻ هڪ قابل علاج مرض آهي، جنهن لاءِ بروقت علاج لازمي آهي:وڏو وزير

عوام کي گهرجي ته تپ ڏڻ جي علامتن ظاهر ٿيڻ تي فوري طور معائنو ڪرائين

سنڌ حڪومت طرفان مفت علاج جون سهولتون موجود آهن، هر شهري فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جو عالمي ڏينهن ٽيب دق تي اهم پيغام سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته هر سال عوام ۾ ٽيب دق جي حوالي سان شعور پيدا ڪرڻ لاءِ عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي. وزيراعليٰ موجب ٽيب دق جي صحت، سماجي ۽ معاشي اثرن بابت آگاهي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: ماڻهو عيد بعد ريل رستي واپس وڃي رهيا آهن

قبوسعيدخان پرسان45 سالن جي شخص خودڪشي ڪري ڇڏي

قبوسعيدخان (ن ع) قبوسعيدخان پرسان ڳوٺ محمد نواز مڪسي جي رهواسي 45 سالن جي شخص عبدالقادر ولد ايوب مڪسي مبينا ڦاهو ڏيئي خودڪشي ڪري پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: هڪ ناري ريلوي پليٽ فارم تي بيٺل آهي

وڏي وزير جو منگهوپير ندي ۾ ٽن ڄڻن جي ٻڏي وڃڻ واري واقعي تي افسوس جو اظهار

انساني جان جو ضياع انتهائي ڏک وارو آهي، ڏک جي گهڙي ۾ متاثر خاندانن سان گڏ آهيون

اهڙن حادثن کان بچڻ لاءِ احتياطي تدابير اختيار ڪيون وڃن:مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير ندي ۾ ٽن ساٿين جي ٻڏڻ تي وزيراعليٰ سنڌ جو رد عمل سيد مراد علي شاهه ٽن ساٿين جي ٻڏڻ واري افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. وزيراعليٰ سنڌ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد جي پاساڪي 13 کوهه مان تيل جي پيداوار شروع

پاساڪي-13 پاڪستان جو پهريون ڪامياب هوريزونٽل تيل جو کوهه قرار

کوهه مان روز 460 بيرل تيل جي پيداوار حاصل ٿي رهي آهي: او جي ڊي سي ايل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) او جي ڊي سي ايل سنڌ جي ضلعي حيدرآباد ۾ پاساڪي-13 کوهه مان تيل جي پيداوار شروع ڪري ڇڏي. پاساڪي-13 پاڪستان جو پهريون ڪامياب هوريزونٽل تيل جو کوهه آهي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پي ڊي ايم اي پاران برسات ۽ تيز هوائن جو الرٽ جاري

29مارچ تي برسات ۽ طوفان جو امڪان، ڪراچي ۽ ٻين ضلعا متاثر ٿي سگهن ٿا

تيز هوائون ڪمزور اڏاوتن، سولر پينلز ۽ بينل فصلن لاءِ خطرو آهن:سلمان شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي آفتن جي انتظام واري اداري (PDMA) سنڌ سڄي صوبي ۾ برسات ۽ تيز هوائن جي الرٽ جاري ڪئي آهي ۽ اختيارين ۽ عوام کي احتياطي اپاءَ وٺڻ جي هدايت ڪئي آهي حڪومتي عملدارن موجب پاڪستان جي موسميات کاتي 25 ۽ 26 مارچ ۽ 28 ۽ بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: شيري رحمان سان ڏيءَ وفات تي بلاول ڀٽو ۽ آصفه ڀٽو جي تعزيت

بلاول ۽ آصفه ڀٽو شيري رحمان ۽ سيد نديم حسين سان ملاقات ڪري ڏک جو اظهار ڪيو

وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، سعيد غني ۽ جميل سومرو پڻ موجود هئا

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري سينيٽر شيري رحمان جي رهائشگاهه تي پهچي سندن ڌيءَ ماروي خورشيد ملڪ جي وفات تي گهري تعزيت بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سيد طحہ ڪي-اليڪٽرڪ جو نئون سي اي او مقرر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيد طحہ کي ڪي-اليڪٽرڪ جو نئون سي اي او مقرر ڪيو ويو آهي ڪي-اليڪٽرڪ جي ترجمان موجب سيد طحہ بي ايس او جي ايم ڊي ۽ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پاڪستان ڊي ٽي آل ڪراچي والي بال ٽورناميٽ 2026 منعقد

شهر ۾ جا نوجوان رانديگر پنهنجون صلاحيتون ڏيکارينڊي ناظرين کي محظوظ ڪيو

اسپورٽس نوجوانن ۾ نظم و ضبط، ٽيم ورڪ ۽ خود اعتمادي وڌائيندڙيون: سني پرويز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ڊي جي موقعي تي اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ جي اهتمام هيٺ آل ڪراچي والي بال ٽورناميٽ 2026 جو انعقاد ڪو ڪر ڪلب شاهه فيصل ۾ ڪيو ويو. ٽورناميٽ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي جي گورنر سنڌ سان ملاقات، عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ۽ ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد غلام مصطفيٰ شاهه گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي سان گورنر بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: نيشنل انٽيليجنس سينٽر پاران ڪائونٽر ٽيررازم هيلپ لائن 1719 متعارف

هيلپ لائن ذريعي مشڪوڪ سرگرمين ۽ دهشتگردي جي خطرن بابت بروقت اطلاع ڏئي سگهجي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل انٽيليجنس فيوزن اينڊ ٿريٽ اسيسمينٽ سينٽر (NIFTAC) پاران ڪائونٽر ٽيررازم هيلپ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: مملڪتي وزير چوڌري ارمغان سبحاني تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻو: مڇر وڌڻ بعد مڇرداڻيون وڪري لاءِ رکيل آهن

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن سبب 7 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

ڪورنگي نمبر هڪ پارٽي دور جي ويجهو نالي جي پٽ وٽان 50 سالن جي عورت جو لاش مليو

اورنگي ٽائون نمبر 14 بڪشيا مسجد ويجهو گهر مان 37 سالن جي دانش جو ڦندو پيل لاش مليو

ڳاڙهي ندي ۾ وهجندڙي عورت ۽ مرد ٻڏي فوت، ٽينڪر ٽڪر سبب بلال فوت ۽ ساجد زخمي ٿي پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ بن عورتن سميت 7 ڄڻا فوت ٿي ويا ۽ هڪ ڄڻو پڻ زخمي ٿي پيو زمان ٽائون ٿاڻي جي حد ڪورنگي نمبر هڪ پارٽي دور جي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو سيڪريٽريٽ ۽ تغلق هائوس جو اوچتو دورو، ڪارڪردگي جو جائزو

مختلف کاتن جي آفيسن مرمت ۽ نئين ڪاميٽي روم جو معائنو جديد ٽيڪنالاجي سان ڪمانڊ سينٽر کي ليس ڪرڻ جون هدايتون

سمورا کاتا عوامي مسئلن جي حل ۽ بهتر خدمتون مهيا ڪرڻ لاءِ مؤثر ۽ ذميواري سان ڪردار ادا ڪن: مراد علي شاهه

ملازم پنهنجون ذميواريون ايمانداري ۽ پيشہ ورانہ انداز ۾ نڀائين، وقت تي آفيس پهچن ۽ سندن ڪم تي مڪمل ڌيان ڏنو وڃي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اڱاري جي صبح سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ تغلق هائوس (اولڊ سيڪريٽريٽ) جو اوچتو دورو ڪيو جتي هن مختلف کاتن جي ڪارڪردگي، بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايم پي اي فريال ٽالپر شيري رحمان سان تعزيت ڪري رهيو آهي

بن قاسم ۾ پوليس ڪارروائي، اسٽيل مل مان لوهه ۽ ٽامي جي چوري ۾ ملوث 9 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير ضلعي جي علائقي بن قاسم ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي اسٽيل مل مان لوهه ۽ ٽامي جي چوري ۾ ملوث 9 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي.بن قاسم پوليس موجب بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ماڻهو دمير جو شڪار ٿين ٿا، حڪومت افڙن سانحن تي خاموش آهي:علي خورشيدي

بجيٽ جي موقعي تي سڀني سرڪاري ميمبرن کي فنڊ ڏنا ويا پر اسان کي نظرانداز ڪيو ويو

تحريڪ انصاف ۽ جماعت اسلامي ڪراچي تي سوديبازي ڪئي، گهٽين جي ذميواري شهرن تي آهي

سياسي پارٽين جي قيادت سڀني لاءِ قابل احترام آهي، اهو سڌو آهي ته خالد مقبول ۽ پاڪستان جي صدر سان ملاقات ڪن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي چيو آهي ته اسين عوام جا ماڻهو آهيون اسين اهو ڪندا آهيون جيڪو ماڻهو چون ٿا. ڪراچي هن وقت رهڻ لاءِ بدترين شهرن مان هڪ آهي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اسيمبلي ميمبرن سان گڏ ڪراچي پريس بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي نارٿ ناظم آباد حيدري مارڪيٽ ۾ گارمنٽس شو روم جي مئنيجر پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شروعاتي جاچ ۾ پوليس ٻڌايو آهي ته خودڪشي جو سبب مالي مسئلا هئا. حيدري مارڪيٽ پوليس ٿاڻي جي علائقي ۾ نارٿ ناظم آباد بلاڪ ايچ حيدري مارڪيٽ ۾ واقع گارمنٽس جي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جا ماڻهو چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته ڪير نااهل ۽ ناڪام آهي:گنهور خان

عوام ڄاڻي ٿي ته ڪير هئا جن ٽن ڏهاڪن تائين ڪراچي کي مال غنيمت سمجهي برباد ڪيو

سنڌ حڪومت جيڪي ترقياتي ڪم ڪري رهي آهي، اهي ايم ڪيو ايم کي هضم نٿا ٿين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان گنهور خان اسران ايوزيشن اڳواڻ علي خورشيدي جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته ڪراچي جا ماڻهو چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته ڪير نااهل ۽ ناڪام آهي ۽ خيراتي مينڊيٽ تي سياست ڪندڙن کي به عوام سڃاڻي چڪو آهي. بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي ۾ ترقياتي ڪمن تي دير ۽ قبضن خلاف رهواسي پاران درخواست داخل

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ۾ هلندڙ ميگا پراجيڪٽ ڊرينيج سسٽم جيڪو 80 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان شروع ٿيو هو جيڪو روائيز ٿي ڏيڍ ارب تائين پهچڻ جي باوجود ڪم نصرف سست رفتاري سان هلندڙ آهي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ۽ بلدياتي قيادت شهرن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات سرگرم آهي:ڪرم الله وقاصي

شهري پاڻي، روڊن جي بحالي، نيڪالي آب، پارڪن جي بهتري ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي منصوبن ۾ غير معمولي تيزي آندي وئي آهي

هن سال ميئر ڪراچي جي نگراني هيٺ 75 ارب رپيا ڪراچي جي ترقياتي ڪمن تي خرچ ڪيا ويندا، ايندڙ مهينن ۾ انهن جا واضح اثر عوام کي نظر ايندا

اهو تاثر غلط آهي ته موڪلن دوران ڪم بند ٿي وڃي ٿو حقيقت ۾ بلدياتي عملو عيد جهڙن موقعن تي وڌيڪ ذميواري سان ڪم ڪندو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي جي ترجمان ۽ ڪي ايم سي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارليامانی ليڊر ڪرم الله بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سکر: صوبائي وزير ناصر شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ عيد الفطر جي موڪلن کانپوءِ تيزي جو رجحان

ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1225.99 جي واڌ بعد 153966.36 پوائنٽس تي بند

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ عيد الفطر جي موڪلن کانپوءِ گذريل ڏينهن شروع ٿيل ڪاروباري هفتي جي شروعات تي تيزي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1225.99 پوائنٽس جي اضافي ڪانپوءِ 153966.36 پوائنٽس تي بند ٿيو بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ پاڪ فوج زنده باد مووومينٽ تنظيم طرفان ريلي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ 23 مارچ يوم پاڪستان جي موقعي تي پاڪ بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ جو برسات جي تيارين لاءِ اهم اجلاس

ڪمشنرن، ڊي سيز ۽ اي سيز کي فيلڊ ۾ رهڻ ۽ صورتحال جي نگراني ڪرڻ جون هدايتون

شهرين ۽ هارين لاءِ احتياطي تدبيرون، مشينري ۽ غير محفوظ ڍانچن جي بروقت انتظام تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ امڪاني برساتن کي نظر ۾ رکندي اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سڀني ڪمشنرن، ڊپٽي ڪمشنرن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ برسات جي نئين اسپيل بابت تيارين جو تفصيلي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي قائد آباد لڳ تيز رفتار ڪوسٽر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، 2 ڄڻا فوت

ايبٽ ڪمپني ويجهو موٽر سائيڪل سوارن کي بي قابو ڪوسٽر زوردار ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ لعل ولد ارمڪا ۽ گوپي ولد سيتل موقعي تي ئي فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، ڪوسٽر ڊرائيور موقعي تان فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قائد آباد جي علائقي ايبٽ ڪمپني لڳ تيز رفتار ڪوسٽر موٽر سائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن سبب ٻه ڄڻا موقع تي ئي فوت ٿي ويا. ريسڪيو ذريعن موجب حادثو ان وقت بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ثقافت کاتي پاران ڪرايل راڳ جي محفل ۾ صنم ماروي ڳائي رهي آهي

يوم پاڪستان تي ڄامشوري ۾ ڊي سي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي

ڄامشورو(ع ر) يوم پاڪستان 23 مارچ جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس ۾ هڪ شاندار ۽ پُروقار تقريب بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

علي خورشيدي جي ڳالهه ٻولهه حقيقتن کان خالي آهي: سيد ذوالفقار علي شاهه

ڪراچي مسئلن جو راڳ الاپيندڙ پهريان اهو ٻڌائين ته پنهنجي دور ۾ هنن شهر لاءِ ڇا ڪيو

پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه سنڌ جي ثقافت ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير ثقافت ۽ سياحت سيد ذوالفقار علي شاهه اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي جي ميڊيا ٽاڪ تي بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

گلاب لغاري ويجهو ڳوٺ شادمان لغاري ۾ پنجن سالن جو معصوم ٽينگر واٽر ڪورس ۾ ٻڏي فوت

گلاب لغاري(ن ع) گلاب لغاري ويجهو ڳوٺ شادمان لغاري ۾ پنجن سالن جو معصوم ٽينگر عبدالمنان ولد مراد لغاري بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير شاهينه شير علي سان محمد سليم بلوچ جي ملاقات

ملاقات ۾ ملير ضلعي ۾ سياسي صورتحال ۽ ترقياتي ڪمن تي بحث ڪيو ويو

عورتن ۽ ٻارن کي سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي:شاهينه شير علي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير شاهينه شير علي ايم پي اي ۽ وڏي وزير سنڌ جي خاص مددگار محمد سليم بلوچ سان ملاقات ڪئي ملير ضلعي ۾ سياسي صورتحال ۽ ترقياتي ڪمن تي بحث ڪيو بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد کان ماتلي ايندڙ ڪار سوار ماتلي واسي جو نامعلوم ماڻهن پاران پيڇو

ماتلي (ن ع) اسلام آباد کان ماتلي ايندڙ ڪار سوار ماتلي واسي عامر قائمخاني جي فيملي کي ٿنڊو محمد خان جي حد ايوب اسٽاپ وٽ هڪ ڪار ۾ سوار ۽ ڀاڄ ڪي بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

روزاني عبرت

بقايا | 1 | روزاني "عبرت"

آهن ته ڪجهه معاملن کي رازداري سان اڳتي وڌايو وڃي. تنهن ڪري ميڊيا کي گذارش آهي ته قياس آرائي ڪان پاسو ڪري ۽ فيصلن ۽ نتيجن بابت سرڪاري اعلانن جو انتظار ڪري. ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار جي جامع حل لاءِ ڳالهه ٻولهه جي ڪوششن جي آجيان ڪندي چيو آهي ته پاڪستان ان ڳالهه ٻولهه جي ميزباني کي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهي ٿو. ڪالهه اڳاري ڏينهن "ايڪس" تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته پاڪستان وچ اوڀر ۾ جاري جنگ جي خاتمي جي لاءِ ڳالهه ٻولهه جي فروغ جي جاري ڪوششن جي آجيان ڪري ٿو ۽ ان جي مڪمل حمايت ڪري ٿو ته جيئن خطي ۽ ان کان ٻاهر امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته آمريڪا ۽ ايران جي رضامندي سان مشروط، پاڪستان بامعنيٰ ۽ لاياڻتي ڳالهه ٻولهه جي ميزباني جي لاءِ تيار آهي ۽ ان کي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهي ٿو ته جيئن جاري تڪرار جي جامع حل تائين پهچي سگهجي. وائيٽ هائوس ايران جنگ جي معاملي تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي پاڪستاني آرمي چيف جنرل عاصم منير سان ٽيليفون تي ٿيل ڳالهه ٻولهه جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. پرڏيهي خبررساں اداري جي رپورٽ موجب، آمريڪي صدر جي ڏکڻ ايشيا لاءِ خاص نمائندي وٽڪوف ۽ صدر ٽرمپ جي نائي جيرڊ ڪشنر جي اسلام آباد جي امڪاني دوري بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ وائيٽ هائوس جي ترجمان ڪيرولين ليوٽ چيو ته "اهي حساس سفارتي ڳالهيون آهن، تنهنڪري آمريڪا ان معاملي تي ميڊيا ذريعي ڳالهيون نه ڪندو". ڪيرولين ليوٽ جو وڌيڪ چوڻ هو ته بدلجندڙ صورتحال دوران ملاقاتن بابت اڳڪٿين کي ان وقت تائين حتمي نه سمجهڻ گهرجي، جيستائين وائيٽ هائوس طرفان باضابطا اعلان نه ڪيو وڃي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن مختلف ميڊيا پليٽ فارمز تي رپورٽ ٿيو هو ته آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس، وٽڪوف ۽ جيرڊ ڪشنر امڪاني طور ايندڙ هفتي اسلام آباد ۾ ايران بابت ٿيندڙ ڳالهين ۾ آمريڪا جي نمائندگي ڪندا. ٻئي پاسي، پاڪستاني پرڏيهي کاتي جي ترجمان جو چوڻ هو ته جيڪڏهن ٻئي ڌريون (ايران ۽ آمريڪا) راضي آهن ته پاڪستان ٿيارڪڙي جي ميزباني لاءِ تيار آهي.

بقايا | 2 | روزاني "عبرت"

ڪري رهيو آهي، ته ٻئي پاسي اسرائيل طرفان ايران جي اهم شهرن تبريز ۽ اصفهان جي توانائي انفرااسٽرڪچر تي فضائي حملن ۾ شدت اچي وئي آهي، هوڏانهن ايران انهن ڳالهين کي "نفسياتي حربو" قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو آهي، حزب الله جي جوابي ڪارروائين ۽ تل ابيب تي ايراني ميزائل حملن اسرائيل ۾ خوف واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته بحرين سلامتي ڪائونسل ۾ آبناءِ هرمز کي طاقت جي زور تي کولرائڻ جي تجويز پيش ڪئي آهي.

بقايا | 3 | روزاني "عبرت"

خطاب ڪندي ڪم جونگ ان چيو ته اتر ڪوريا پنهنجي جوهري صلاحيت وڌائيندو ۽ دشمن قوتن خلاف پنهنجي جدوجهد تيز ڪندو. هن چيو ملڪ جو آئين به ان ڳالهه جي گهر ڪري ٿو ته دفاعي جوهري قوت کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي. ڪم جونگ ان آمريڪا تي سخت تنقيد ڪندي الزام هنيو ته اهو سڄي دنيا ۾ رياستي دهشتگردي ڪري رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته اتر ڪوريا کي باضابطا طور سڀ کان دشمن رياست قرار ڏينداسين ۽ ان سان ڪنهن به قسم جي مفاهمت نه ڪنداسين. ڪم جونگ ان چيو ته جيڪڏهن اتر ڪوريا خلاف ڪو به قدم کنيو ويو ته ٻي رحمانو جواب ڏنو ويندو.

بقايا | 4 | روزاني "عبرت"

نظر ۾ رکندي هاءِ الرٽ رهڻ. گيانچند اسرائي ڊي جي پي ڊي ايم اي سنڌ ۽ ريسڪيو 1122 کي هدايت ڪئي آهي ته اڳواٽ احتياطي اپاءَ ورتا وڃن. گيانچند اسرائي هدايت ڪئي ته هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي نيڪال جا انتظام فوري طور تي يقيني بڻايا وڃن. گيانچند اسرائي چيو ته ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ريسڪيو ٽيمون ۽ مشينري ميدان ۾ تيار رکي وڃي. گيانچند اسرائي چيو آهي ته ضلعي انتظاميا کي شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ باهمي رابطي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ گهرجي. متوقع تيز هوائن ۽ ڳڙي جي طوفان کي نظر ۾ رکندي، حساس علائقن ۾ خاص نگراني ڪئي وڃي. گيان چند اسرائي ريسڪيو 1122 کي هدايت ڪئي ته هنگامي جوابي وقت کي گهٽ ۾ گهٽ ڪيو وڃي ۽ فوري امدادي ڪارروايون يقيني بڻايو وڃي. ڊي جي پي ڊي ايم اي کي روزاني جي بنياد تي صورتحال جي رپورٽ جمع ڪرائڻ گهرجي. هارين ۽ شهرين کي بروقت آگاهي فراهم ڪرڻ لاءِ اثرائتي عوامي صلاح مشوري جاري ڪئي وڃي. ٽريفڪ ۽ شهري لاڳاپيل ادارن کي سهولتون بحال ڪرڻ لاءِ هم آهنگي سان ڪم ڪرڻ گهرجي. گيان چند اسرائي عوام کي اپيل ڪري ٿو ته احتياطي اپاءَ وٺن ۽ غير ضروري سفر کان پاسو ڪن.

بقايا | 5 | روزاني "عبرت"

موسوي هڪ انٽرويو ۾ چئي. علي موسوي برطانيا ۾ ايران جو سفير به آهي. هن چيو ته ايران عالمي ميري ٽائم آرگنائزيشن کي بهتر بڻائڻ ۽ سمنڊ ۾ بحري جهازن جي تحفظ لاءِ تعاون جاري رکندو. ايران جي دشمنن ڪانسواءِ ٻيا بحري جهاز حفاظتي تعاون سان آبناءِ هرمز مان گذري سگهن ٿا. هن چيو ته سفارتڪاري ايران جي ترجيح آهي، جڏهن ته جارحيت جو مڪمل خاتمو ۽ گڏيل اعتماد ان کان وڌيڪ اهم آهي. هن چيو ته هن وقت آبناءِ هرمز جي جيڪا صورتحال آهي ان جو بنيادي سبب ايران تي اسرائيل ۽ آمريڪا جا حملا آهن.

بقايا | 6 | روزاني "عبرت"

گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ محمد سعد جي نالي سان ڪئي وئي آهي. ملزم پنهنجي ساٿي سان گڏجي جهيڙي دوران مقتول محمد بن جاويد کي نشانو بڻايو. شروعاتي جاچ موجب جوابدار ۽ مقتول پاڙيسري هئا. دوست ڪاوڙ ۾ اچي ويا ۽ لٺين سان حملو ڪيو جنهن سبب مقتول محمد بن جاويد علاج دوران فوت ٿي ويو. پوليس واقعي ۾ ملوث ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هڻي رهي آهي.

بقايا | 7 | روزاني "عبرت"

پيغام ۾ سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته ٽي بي علاج جوڳي بيماري آهي، جڏهن ته پرڏيهي ملڪن ۾ اهو هن وقت به سنگين چئلينج موجود آهي. هن چيو ته ٽي بي نه رڳو مريضن پر انهن جي خاندانن ۽ مجموعي صحت جي نظام تي به وڏو بار آهي. سينيٽ چيئرمين ان ڳالهه تي زور ڏنو ته عوامي آگاهي ۾ اضافو ۽ وقت تي تشخيص کي يقيني بڻائڻ انتهائي ضروري آهي ته جيئن ان بيماري تي شروعاتي مرحلي ۾ ئي قابو ڪري سگهجي. هن چيو ته مريضن کي معياري علاج بلا رڪاوٽ فراهمي اثر آهي ۽ ان سلسلي ۾ صحت جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ قومي ترجيح هجڻ گهرجي. سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته احتياطي قدمن ۽ سيڙپڪاري ذريعي ٽي بي جو خاتمو ممڪن آهي، طبي ماهرن ۽ فرنٽ لائن ورڪرز جون خدمتون واکاڻ جوڳيون آهن، جيڪي ان بيماري خلاف جنگ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته ٽي بي کان پاڪ پاڪستان لاءِ حڪومتي ادارن، سول سوسائٽي ۽ عوام جون گڏيل ڪوششون اختيار ڪرڻيون پونديون ته جيئن ان موتمار بيماري جو مڪمل خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي.

بقايا | 8 | روزاني "عبرت"

صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. نائب وزيراعظم اسحاق ڊار امن ۽ استحڪام جي اهميت کي اجاگر ڪندي چڪتاڻ ۾ فوري گهٽتائي جي ضرورت تي زور ڏنو. هن ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ته مسئلن جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري ئي واحد قابل عمل رستو آهي. هن قيمتي جانين جي زيان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو جن ۾ ٿي پاڪستاني شهري به شامل آهن. نائب وزيراعظم هن مشڪل وقت ۾ گڏيل عرب امارات سان پاڪستان جي ڀرپور يڪجهتي جو ورجاءُ ڪيو. ٻنهي اڳواڻن عيد جي مبارڪباد جي ڏي وٺ ڪئي ۽ گڏيل ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا | 9 | روزاني "عبرت"

چيئرمين ضلعي ڪائونسل سيد ڪميل حيدر شاهه، ڪمشنر سکر عابد سليم، ڊپٽي ڪمشنر نادر خان سميت پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٻين اڳواڻن به شرڪت ڪئي. دوري دوران صوبائي وزير کي پلانٽ جي ڪارڪردگي، پاڻي جي صفائي واري نظام ۽ شهرين کي فراهم ڪيل سهولتن بابت بريفنگ ڏني وئي. سيد ناصر حسين شاهه هدايت ڪئي ته سکر ۽ روهڙي جي عوام کي صاف ۽ معياري پاڻي جي فراهمي هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي ۽ هن منصوبي کي مؤثرانداز ۾ هلايو وڃي. ميڊيا سان ڳالهائيندي صوبائي وزير چيو ته روهڙي ۾ قائم جديد واٽر فلٽر پلانٽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن جو حصو آهي، جنهن تي سنڌ حڪومت عملدرآمد ڪري رهي آهي. هن چيو ته ڪراچي سميت سنڌ جي سڀني ضلعن ۾ اربين رپين جا ترقياتي منصوبا جاري آهن ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌو درياهه تي سکر ۽ روهڙي کي ملائڻ لاءِ هڪ نئين پل جي منظوري ڏني وئي آهي جنهن جي تعمير جلد شروع ٿيندي منصوبي تحت پل کي پهرين مرحلي ۾ زيرو پوائنٽ سکر کان ڊي ايس پي آفيس تائين ۽ ٻئي مرحلي ۾ موٽر وي سان منسلڪ ڪيو ويندو جنهن سان سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي وچ ۾ آمد و رفت ۾ نمايان بهتري ايندي ۽ ٽريفڪ جي مسئلن ۾ گهٽتائي ٿيندي. سيد ناصر حسين شاهه توانائي جي بحران جي حوالي سان ڪفايت شعاري جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته جيڪڏهن توانائي جي گهٽتائي ڏگهي عرصي تائين رهي ته لاک ڊائون جهڙا قدم پڻ زيرِ غور آڻي سگهجن ٿا. هن ٻڌايو ته سنڌ حڪومت ڪفايت شعاري پاليسي تحت سرڪاري گاڏين جي استعمال ۾ 60 سيڪڙو ۽ پيٽروليم شين جي استعمال ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي ڪئي آهي، جڏهن ته ان حوالي سان روزاني بنياد تي اجلاس پڻ منعقد ڪيا پيا وڃن. عالمي صورتحال تي ڳالهائيندي هن چيو ته ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جي وچ ۾ تڪرار سبب توانائي جو عالمي بحران شدت اختيار ڪري سگهي ٿو جنهن جا اثر پاڪستان سميت پوري دنيا تي پوندا. هن ميڊيا تي زور ڏنو ته هو عوام ۾ بارش جي بچت بابت آگاهي پيدا ڪري. سياسي معاملن تي ڳالهائيندي صوبائي وزير چيو ته ايم ڪيو ايم جي ڳالهين کي سنجيدگي سان نه ورتو وڃي ۽ گورنر جي تبديلي جو فيصلو وفاقي حڪومت جو اختيار آهي. هن چيو ته چاهي گورنر ڪنهن به جماعت سان تعلق رکي هو سڀني لاءِ قابل احترام آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان عالمي سطح تي هڪ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ جتي به امن جي قيام لاءِ پاڪستان جي ضرورت پوندي هو پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪندو. هن دعا ڪئي ته عالمي سطح تي جاري تڪرار جلد ختم ٿين ته جيئن دنيا ۾ امن ۽ استحڪام قائم ٿي سگهي.

بقايا | 10 | روزاني "عبرت"

شاهپريو جو رهواسي 17 ورهين جو عبدالجبار اٽڙ ولد الهڏنو اٽڙ عرف پوڙهو فقير مائٽن سان عيد ملڻ لاءِ قاضي احمد وڃي رهيو هو ته قومي شاهراهه تي تيز رفتار ڪوچ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي مقامي ماڻهن تعلقه اسپتال قاضي احمد منتقل ڪيو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جنهن اطلاع تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو قاضي احمد پوليس ڪوچ کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن ته واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي لاش جي پوسٽ مارٽم بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو جنهن جي شاهپريو قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي.

بقايا | 11 | روزاني "عبرت"

ڪانيو حادثي جو شڪار ٿي ويو. جنهن جو ملبو سڄي علائقي ۾ پکڙجي ويو. حادثي سبب فضائيه جا 6 اهلڪار ۽ پوليس آفيسر سميت 66 فوجي فوت ٿي ويا، جڏهن ته حڪومت جي سيڪريٽري ٻڌايو ته شروعاتي طور تي 33 فوتگين جي تصديق ٿي هئي، وڌيڪ فوتگيون علاج دوران ٿيون. هن چيو ته حادثي جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي. دفاع واري وزير پيڊرو سانچيز حادثي تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته حادثي جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ وقت گهرجي جهاز ۾ 114 فوجي ۽ عملي جا 11 ميمبر سوار هئا. جيڪي پورٽوليگوزاموڪان ويجهي جوڪي طرف وڃي رهيا هيا.

بقايا | 12 | روزاني "عبرت"

پيپلز پارٽي سنڌ اسيمبلي ۾ اڪثريت ۾ آهي تيستائين سنڌ ۾ نئون صوبو ڪڏهن به نه ٺهندو. هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪالهه ميروخان ۾ پيپلز پارٽي ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته آئين ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جو طريقو موجود آهي ۽ آئين موجب نئين صوبي لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي مان ٻه ڀاڱي ٽي جي اڪثريت سان قرارداد جي منظوري لازمي آهي ۽ جيستائين صوبائي اسيمبلي ٻه ڀاڱي ٽي جي اڪثريت سان اهڙي قرارداد منظور نه ڪندي تيستائين نئون صوبو ٺهي نٿو سگهي. نثار کهڙو چيو ته پيپلز پارٽي جي موجودگي ۾ سنڌ ۾ نئون صوبو ڪڏهن به نه ٺهندو ۽ جيڪڏهن ايم ڪيو ايم پاڪستان اهو سمجهي ٿي ته اهڙيون ڳالهيون ڪري پنهنجي وڃايل مقبوليت واپس حاصل ڪندي ته اها انهن جي ڀُل آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ نئون صوبو ٺاهڻ جو مطالبو عوام ۾ نفرتون وڌائڻ جي سازش آهي جڏهن ته سنڌ جي عوام لسانيت ۽ فرقيواريت کي رد ڪري ڇڏي. نثار کهڙو چيو ته آر بي او ڊي ٿو جو منصوبو ٽي پيرا نظرثاني ٿيڻ بعد 62 ارب رپين تائين پهچي چڪو آهي ۽ 40 ارب رپيا خرچ ٿيڻ باوجود به منصوبي تي ڪم بند آهي. هن چيو ته آر بي او ڊي ٿو منصوبي تي 40 ارب رپيا خرچ ٿيڻ باوجود آبپاشي کاتي جو سيڪريٽري هن منصوبي کي نان فزيبل قرار ڏئي ان تي ڪم شروع ڪرائڻ لاءِ 200 ارب رپين جو نئون تخمينو ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته آبپاشي کاتي وٽ آر بي او ڊي ٿو لاءِ 5 ارب رپين کان وڌيڪ رقم موجود آهي، تنهنڪري پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽي آبپاشي کاتي کي هدايت ڪئي آهي ته منصوبي تي ڪم شروع ڪيو وڃي جڏهن ته منصوبي لاءِ ڪنسلٽنٽ مقرر ڪرڻ لازمي آهي ۽ پي اي سي سنڌ جي چيف سيڪريٽري کي هدايتون ڏنيون آهن ته آر بي او ڊي منصوبي لاءِ ڪنسلٽنٽ مقرر ڪيو وڃي. ۽ ڪنسلٽنٽ مقرر ٿيڻ کان پوءِ ڪم شروع ٿيڻ گهرجي ڇو ته اهو منصوبو سنڌ لاءِ انتهائي اهم آهي. نثار کهڙو چيو ته پيپلز پارٽي مالي بجيٽ جي پيش نظر 4 اپريل تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي ضلعي سطح تي دعائيه تقريبون منعقد ڪندي. هن چيو ته شهيد ڀٽو ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻايو ۽ شهيد بينظير ڀٽو ملڪ کي ميزائل ٽيڪنالاجي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ايران-امريڪا چڪتاڻ ۽ پاڪستان جي ٽياڪڙيءَ جو امتحان! صفحو 4

جنيد احمد — **مسلم دنيا جي واحد ايٽمي طاقت طور پاڪستان جو ڪردار!** صفحو 4

شاهد ڪاردار — **بجلي واري شعبي ۾ سڌارا...** صفحو 4

مجيد اصغر — **پروپيگنڊا ۽ حقيقت!** صفحو 4

ميرپورخاص تعلقي ٽالٽي جي حد ڳوٺ عيسيٰ خان موري مان 14 ورهين جي نينگري مبينه اغوا

ڳوٺ عيسيٰ خان موري واسي ڏيارام ڪولهي جو پنهنجي گهرواري ميران سان گڏ نياڻي جي اغوا خلاف احتجاج

ٻه ڏينهن پهريان علائقي جا اوباش 14 سالن جي نياڻي کي هٿيارن جي زور تي زوري اغوا ڪري ويا آهن: ڏيارام ڪولهي

نياڻي جي اغوا بعد اسان جي گهر ۾ ڪهرام مڇيل آهي، خدشو آهي ته نياڻي سان زيادتي بعد ڪيس وڪرو ڪيو ويندو

ميرپورخاص ڳوٺ عيسيٰ خان موري مان 14 ورهين جي نينگري اغوا خلاف احتجاجي ڪيو پيو وڃي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ٻه ڏينهن پهريان علائقي جا اوباش 14 سالن جي نياڻي کي هٿيارن جي زور تي زوري اغوا ڪري ويا آهن اهڙو اظهار تعلقي ٽالٽي جي حد ڳوٺ عيسيٰ خان موري واسي ڏيارام ڪولهي پنهنجي گهرواري ميران سان گڏ ميرپورخاص پهچي صحافين اڳيان دانهيندي ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي 14 سالن جي نابالغ نياڻي پريمي ڪولهڻ گهر پرسان واٽر تي ڪپڙا ڌوئڻ وئي جتي علائقي جا اوباش پريم چند ڪولهي والجي ڪرمڻ ۽ ميگهو ڪولهي ڪيس هٿيارن جي زور نياڻي کي زوري اغوا ڪرڻ بعد ڪار ۾ ويهاري فرار ٿي ويا اسان پاران اهڙي شڪايت حد جي ٿاڻي تي ڏيڻ باوجود پوليس اڃا تائين نياڻي کي بازياب نه ڪرايو آهي هنن چيو ته خدشو آهي ته نياڻي سان زيادتي بعد ڪيس وڪرو ڪيو ويندو نياڻي جي اغوا بعد اسان جي گهر ۾ ڪهرام مڇيل آهي مجبور والدين واسطيدار اختيارين کان ڀر زور مطالبو ڪندي چيو ته معاملي جو نوٽس وٺي جاڳايل ساڻهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري نياڻي کي فوري طور بازياب ڪرايو وڃي.

پ پ اڳواڻ رئيس لکي محمد رند جي امداد پتافي سان ملاقات

امداد خان پتافي کي عمره جي ادائيگي سنڌ جي ثقافتي لنگي اوڍائي مبارڪباد ڏني

پ پ ايم پي اي امداد خان پتافي پنهنجي تڪ ۾ رڪارڊ ڪم ڪرايا آهن: لکي محمد رند

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پ پ ضلع ٽنڊوالهيار جي سينئر اڳواڻ رئيس لکي محمد رند پتافي هائوس پهچي پ پ ايم پي اي امداد خان پتافي کي عمره جي ادائيگي سنڌ جي ثقافتي لنگي اوڍائي مبارڪباد ڏني ان موقعي تي ٻنهي اڳواڻن ۾ تفصيلي ملاقات ٿي جنهن ۾ تڪ اندر جاري ترقياتي ڪمن بابت ڳالهه ٻولهه ٿي ان حوالي سان پ پ ضلع ٽنڊوالهيار جي سينئر اڳواڻ رئيس لکي محمد رند جو چوڻ آهي ته امداد خان پتافي پنهنجي تڪ ۾ رڪارڊ ڪم ڪرايا آهن عوام جو همدرد ايم پي اي آهي. ڪيس عوامي اهنجن کي ڏور ڪرڻ جو اونو هوندو آهي

حيدرآباد پ پ اڳواڻ رئيس لکي محمد رند ايم پي اي امداد پتافي کي عمره جي مبارڪباد ڏيندي

ٽنڊوڄام ۾ بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن جو پينشن جي بندش خلاف احتجاج جاري

ريٽائر ملازمن جاري احتجاج دوران ڪمشنر بلديه حيدرآباد ظهور لکڻ کي هٽائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڪمشنر بلديه ظهور لکڻ ميئر حيدرآباد کي گمراهه ڪري ريٽائر ملازمن جي پينشن بند ڪرائي آهي: آچر ڪاتيار

گذريل پنجن مهينن کان پينشن بند هئڻ سبب بلديه جي 740 رٽائرڊ ملازمن جي گهرن ۾ فاقه ڪشي جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي

ٽنڊوڄام بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازم پينشن بندش خلاف احتجاج مظاهرو ڪندي

ٽنڊوڄام (ت.ر) بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن پينشن جي بندش خلاف جاري احتجاج دوران ڪمشنر بلديه حيدرآباد ظهور لکڻ کي هٽائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته رٽائرڊ ملازمن جي پينشن بند ڪرڻ جو ذميوار ڪمشنر ظهور لکڻ آهي جنهن ميئر حيدرآباد کي گمراهه ڪري پينشن بند ڪرائي هنن چيو ته ڪمشنر جي ڪرپشن سبب ادارو تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪو آهي رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن جي بحالي لاءِ احتجاج اوليهين ڏينهن به جاري رهيو. رٽائرڊ مرد ۽ عورت پينشنرن آچر ڪاتيار قاسر منگرائي شرافت راجپوت پروين مسيح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ميئر ۽ ڪمشنر حيدرآباد خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي احتجاج ڪندڙن موجب گذريل پنجن مهينن کان پينشن بند هئڻ سبب بلديه جي 740 رٽائرڊ ملازمن جي گهرن ۾ فاقه ڪشي جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي هنن مطالبو ڪيو ته ڪمشنر ظهور لکڻ کي فوري طور هٽائي ۽ پينشن بحال ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو رخ تبديل ڪيو ويندو.

ڪوٽ غلام محمد ۾ پورهيت کي مبينا طور اغوا ڪرڻ جي ڪوشش

مزاحمت ڪرڻ تي پورهيت پنهنجي جان بچائي گهر پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

پورهيت شريف ماڇي جو پنهنجي گهرواري ۽ معصوم ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ حاجي عبدالله ڪالرو جي رهواسي پورهيت شريف ماڇي کي هٿياربندن پاران مبينا طور اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جڏهن ته مزاحمت ڪرڻ تي هو پنهنجي جان بچائي گهر پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جڏهن ته جوابدار فرار ٿي ويا. متاثر پورهيت شريف ماڇي پنهنجي گهرواري ۽ معصوم ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪندي صحافين آڏو دانهون ڪندي هن الزام لڳايو ته ٻااثر امين علي راهيمون ۽ سنڌس ساٿين ڪيس اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مسلسل جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن ٻڌايو ته پوءِ جي پٽ ڏوالفقار ماڇي ڪيس دوکي سان گڏ وٺي ويو جتي رستي ۾ گاڏي روڪي وئي ۽ اڳواٽ موجود امين علي راهيمون ۽ سنڌس نقاب پوش هٿياربند ساٿين ڪيس زبردستي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هن وڌيڪ چيو ته مزاحمت دوران سنڌس ٽوپي ۽ جتيون ڪري پيا، جڏهن ته سامهون کان ايندڙ رڪشا سبب جوابدار گاڏي ۾ فرار ٿي ويا. پورهيت شريف ماڇي جو چوڻ هو ته ڪيس موبائل فون ذريعي مسلسل جان کان مارڻ جون ڌمڪيون مليون پيون آهن ۽ ڪيس پنهنجي جان جو سخت خطرو آهي. هن اهو به الزام هنيو ته جوابدار اڳ ۾ به ساڻس فراڊ ڪري لکين رپيا ڦري چڪا آهن. متاثر ايس ايس پي ميرپورخاص ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن خلاف فوري ڪارروائي ڪري ڪيس ۽ سنڌس ڪٽنب کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

ڪوٽ غلام محمد پورهيت کي مبينا طور اغوا ڪرڻ جي ڪوشش خلاف احتجاج ڪيو پيو

بدوقمبراڻي لڳ سورهڏي ڳوٺ محمد خان جروار جي رهواسي جو احتجاج

بدوقمبراڻي(ن ع) بدوقمبراڻي لڳ سورهڏي ڳوٺ محمد خان جروار جي رهائشي آچار ڪنبر جو پٽ حيدر ڪنبر سميت احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندي چوڪري جي ڏاڏي آچار ڪنبر چيو ته اسان جي نياڻي فرزانہ ڪنبر جيڪا نائين ڪلاس ۾ پڙهندي آهي ان کي ڏيٺي ٿاڻي تي تعينات آهي اغوا ڪري نڪاح ڪري ڇڏيو آهي جيڪو غلط عمل آهي پوليس عوام جي جان مال جي حفاظت لاءِ هوندي آهي مگر افسوس اسان وٽ ضلع بدين ۾ ظلم بيحسي جي انتها ٿي وئي اگر اهو جي ظلم رهيو ته ڪير پنهنجن نياڻين کي اسڪول تي موڪليندو هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ بل پڻ پاس ٿيل آهي ته ارڙهن سالن کان گهٽ عمر جي شادي کي غيرقانوني قرار ڏنو ويو آهي مگر هتي اهڙي نگري وارو سسٽم پيو هلي وارڻ موجب راڄ جي چڳن کان وٺي سيني کي چيو نيٺ وڃي پوليس سان رابطو ڪيو جتي ايس ايچ او ٽنڊوغلام علي ايف آءِ آر داخل ڪئي چيائين ته اوهان جو مسئلو حل ڪيون ٿا مگر اڃا تائين نياڻي کي ظاهر به نه ڪيو وير آهي هنن ڏانهيندي چيو ته اسان کي خدشو آهي ته اسان جي نياڻي زنده به آهي يا نه مگر ويتر اسان کي ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هنن وسوارن کان مطالبو ڪيو ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي مي پاسي ايس ايچ او ٽنڊوغلام علي سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي مگر ايس ايچ او ڪال اٽيند نه ڪئي وارڻ اهو به الزام هنيو ته ايس ايچ او ٽنڊو غلام علي اڳئين ڌر سان مليل آهي تڏهن ته ڪا ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

دڙو ۾ سنڌ ميمڻ يوٿ اتحاد ضلع سجاول طرفان آجياڻو

ميمڻ برادري کي هر شهر ۽ واهڻ وسطي ۾ متحرڪ ڪرڻ جو اعلان

ميمڻ اتحاد طرفان تعليم، صحت ۽ ٻين فلاحي ڪمن کي هٿي ڏيڻ جو فيصلو

دڙو (ن ع) دڙو جي ارباب هائوس تي سنڌ ميمڻ يوٿ ونگ ضلعي سجاول جي نئين باڊي جي چونڊيل ضلع صدر ارباب ڪامران وزير ميمڻ طرفان اتحاد جي اڳواڻن ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن جي مان ۾ عيد ملن پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو عيد ملن پارٽي ۾ ميرپوربٺورو سجاول دڙو چوهڙجمالي جاتي بيلو ۽ ٻين شهرن ڳوٺن جي معزز عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي سنڌ ميمڻ اتحاد جي سرپرست اعليٰ ارباب وزير احمد ميمڻ ضلعي صدر ارباب حاجي رميزالدين ميمڻ جنرل سيڪريٽري حافظ رياض ميمڻ يوٿ ونگ ضلع سجاول جي صدر ارباب ڪامران ميمڻ ڊاڪٽر حنيف ميمڻ ڊاڪٽر دلاور عبدالغفور ميمڻ پريس ڪلب دڙو جي صدر اعجاز اختر ميمڻ ڊاڪٽر افضل ميمڻ شهزاد ميمڻ سميت مختلف اڳواڻن خطاب ڪيو هنن چيو ته ميمڻ سجي سنڌ سميت سجي دنيا ۾ هڪ ترقي پذير برادري طور سڃاتي وڃي ٿي، اسان جو اهم مشن اهو آهي ته ميمڻ برادري سميت ٻين برادرين جي غريب ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪئي وڃي، هنن چيو ته سنڌ ميمڻ اتحاد جو سڀ کان اهم مقصد تعليم صحت ۽ برادري جي فلاح بهبود لاءِ وڌ کان وڌ ڪم ڪيو وڃي ان لاءِ ميمڻ برادري کي ضلعي جي هر شهر ڳوٺ ۽ واهڻ وسطي ۾ مضبوط ۽ منظم لاءِ جامع حڪمت عملي جوڙي رهيا آهن.

دڙو سنڌ ميمڻ اتحاد طرفان ڏنل آجياڻي کي اڳواڻ خطاب ڪندي

ٽنڊومحمدخان ۾ سچڻ سائين جي سالگره جي سلسلي ۾ هڪ عظيم الشان تقريب

ٽنڊو محمد خان(ع ر) ٽنڊو محمد خان ۾ جماعت اصلاح المسلمين ضلع ٽنڊو محمدخان پاران جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان جي سرپرست اعليٰ حضرت خواجہ محمد طاهر المعروف محبوب سچڻ سائين جي سالگره جي سلسلي ۾ هڪ عظيم الشان تقريب مرڪز جامع مسجد الڪوثر نزد بختاور ڪالوني ٿي گذري جنهنجي صدارت خليفو محمدعيسا ڪئي طاهري ڪئي ان موقعي تي مرڪزي جامع مسجد ۾ هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪيمپ پڻ لڳائي وئي ۽ مختلف بيمارين جو علاج سان گڏ ٽيسٽون پڻ ڪري دوائون مفت ڏنيون ويون ان موقعي تي مسجد اندر آيل علمائن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان انسانيت جي خدمت ۾ يقين رکون ٿا اسانجا مرشد ڪريمن جو حڪم تي سادگي سان سالگرهه جي تقريب ۾ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي مختلف علائقن کان آيل مريضن جي ڪئمپ پڻ لڳائي آهي ۽ اڄ اسان جي مرڪز ۾ ضلع ٽنڊومحمدخان جي سيني برانچن جي نامزد عهيدارن حلف برداري تقريب پڻ ٿي گذري، ان موقعي تي ضلعي صدر خليفہ محمد عيساڪتي طاهري فقير نورمحمدوساڻ طاهري ڊاڪٽر الهبچايو مغل طاهري ۽ حاجي محمد صديق ڪچي طاهري، خليفو علي خان ڪلهوڙو نون چونڊجي آيل عهديدارن کي خطاب ڪيو چيو اسان پنهنجي مرشد ڪريمن جي حڪمن تي هلون اسان پاڻ ۾ امن پائيچارو پيدا ڪريو هڪ ٻئي جو خيال رکون ته جيئن محبت وڌي تقريب جي آخر ۾ اسانجي پياري ملڪ پاڪستان جي سلامتي ۽ امن پائيچاري لاءِ دعا پڻ ڪئي وئي.

سڪرنڊ لڳ حاجي شير محمد مگسي ۾ واٽر فلٽر پلانٽ لڳايو ويو

پاڻي پاڙو ٿيڻ ڪري ڳوٺ ۾ ڪيترين بيمارين جنم وٺي ڇڪيون هيون: آفتاب مگسي

شاپان شاهه پاران ڳوٺاڻن سان ڪيل واعدي تي سيد غلام مصطفيٰ شاهه پاران واٽر پلانٽ ڏنو ويو

سڪرنڊ (ن ع) ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي اسڪيم تحت سڪرنڊ لڳ ڳوٺ حاجي شير محمد مگسي ۾ واٽر فلٽر پلانٽ لڳايو ويو جنهن جو افتتاح مگسي برادري جي معزز شخصيتن هٿان ڪرايو ويو جن ۾ آفتاب احمد مگسي، اسد علي مگسي، معاذ علي مگسي ۽ فهد علي مگسي شامل هئا ان موقعي تي ميزبان بشير احمد، اظهر علي، صابر حسين، الهداد، عبدالرشيد مگسي پاران آيل مهمانن کي اجرڪون اوڍايون ويون جڏهن ته چئن مهمان خاص کي بوسڪي جا پٽڪا پارايا ويا افتتاحي تقريب ۾ آفتاب احمد مگسي ڳالهائيندي چيو ته هن ڳوٺ جو پاڻي پاڙو ٿي چڪو هو جنهن جي ڪري ڳوٺ ۾ ڪيترين بيمارين جنم وٺي ڇڪيون هيون جنهن بعد ڳوٺاڻن جي خواهش تي نوجوان اتحاد جي چيئرمين سيد شاپان شاهه پاران ڳوٺاڻن سان ڪيل واعدي تي سيد غلام مصطفيٰ شاهه پاران واٽر پلانٽ ڏنو ويو جنهن تي اسين سنڌن شڪر گذار آهيون ان کان اڳ اظهر علي مگسي آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو تقريب ۾ رضا محمد سيال، نيڪ محمد جلالاڻي، شرف الدين مگسي، ڊاڪٽر سجاد علي مگسي ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا.

سڪرنڊ حاجي شير محمد مگسي ۾ واٽر فلٽر پلانٽ جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

In a beautifully curated evening of warmth and camaraderie, MKP Corporate Group hosted a grand Suhoor at the stylish Terraza Restaurant, drawing a large turnout of its members. The event was orchestrated with meticulous care by Chairperson Sana Aqeel, who personally welcomed each guest, setting the tone for an evening that blended professional networking with the spirit of Ramadan. Speaking to the gathering, Sana Aqeel reflected on the deeper meaning of Ramadan, emphasizing it as a time for reflection, generosity, and strengthening bonds within the community. She highlighted that the business community holds a unique responsibility to combine corporate collaboration with social goodwill, noting that events like these create meaningful connections while celebrating the holy month. The evening sparkled with laughter, conversation, and fine dining, as members engaged in dialogue, exchanged ideas, and celebrated the values of unity, generosity, and mutual respect that Ramadan embodies.

In a dazzling display of diplomacy and festivity, Mr. Fazal Karim Dadabhoy, Honorary Consul of Côte d'Ivoire, hosted a star-studded Iftar dinner at his residence, bringing together an elite mix of diplomats, business magnates, media leaders, and cultural icons. The evening shimmered with lantern-lit elegance, flowing conversations, and a feast that reflected the richness of Ramadan traditions. Among the high-profile attendees were the Consuls General of Japan, Malaysia, and Thailand, alongside Prof. Dr. Farhan Essa, Kaleem Farooqui, Jam Farooq, Farooq Afzal, Rotary District Governor Shahzad Sabir, Parvez Haroon Madraswala, Zulfiqar Halepota, President KATI Ikram Rajput, Olympian Islahuddin, Ubaid Saleem Patel, Chairman Flaknaz Fayyaz Ilyas, Imran Jaffar, and Kazi Asad Abid, Chairman, Chief Editor, and CEO of Daily Ibrat. Speaking on the occasion, Fazal Karim Dadabhoy highlighted the significance of Ramadan as a time of compassion, unity, and reflection. He emphasized the importance of strengthening bonds within the community and extending support to those in need, noting that such gatherings help promote harmony and mutual understanding among people from diverse backgrounds. The gathering was further graced by notable personalities such as Mian Zahid Hussain, Athar Iqbal, Hussain Thebo, Majeed Aziz, President Arts Council Ahmed Shah, former KATI President Junaid Naqi, and Haneef Gohar, among others. The evening served as an excellent opportunity to foster goodwill, strengthen professional relationships, and promote harmony among diplomatic, business, and media communities, reflecting the true spirit of Ramadan through hospitality and unity.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 25 مارچ 2026ع

ايران-امريڪا ڇڪتاڻ ۽ پاڪستان جي ثالثي جو امتحان!

وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ عالمي امن لاءِ سنجيده خطرو بڻجي سامهون آئي آهي. ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل وچ ۾ جاري تڪرار هاڻ علائقائي مسئلو ناهي رهيو پر هن ڇڪتاڻ جا اثر عالمي معيشت، توانائي مارڪيٽن ۽ سفارتي لاڳاپن تي به پئجي رهيا آهن. اهڙي نازڪ صورتحال ۾ پاڪستان جو پاڻ کي مرڪزي ثالث طور پيش ڪرڻ هڪ اهم ۽ ذميوارانو سفارتي قدم آهي، جيڪو ملڪ جي پرڏيهي پاليسي، فوجي قيادت ۽ سياسي حڪمتِ عمليءَ جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو نظر اچي ٿو. برطانوي اخبار ”فنانشل ٽائيمز“ جي رپورٽ موجب پاڪستان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تڪرار گهٽائڻ لاءِ سرگرم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڪستان جي فوجي قيادت ۽ سياسي حڪومت ٻنهي سطحن تي اهم رابطا ڪيا آهن. پاڪستان جي آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ٽيليفون ذريعي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي، جڏهن ته وزيراعظم شهباز شريف ايران جي صدر مسعود پزشڪيان سان رابطو ڪيو آهي. اهي سفارتي رابطا رڳو روايتي بيان بازي نه پر هڪ سنجيده ثالثيءَ واري عمل جي شروعات طور ڏٺا پيا وڃن.

پاڪستان لاءِ اهو ڪردار ان ڪري به اهم آهي جو ملڪ جا لاڳاپا ٻنهي ڌرين سان تاريخي ۽ حڪمتِ عملي جي بنيادن تي قائم آهن. آمريڪا سان سيڪيورٽي ۽ دفاعي لاڳاپا، جڏهن ته ايران سان مذهبي، سرحدي ۽ توانائيءَ سان لاڳاپيل مفادن جو ڳانڍاپو موجود آهي. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان جو غيرجانبدار ۽ متوازن ڪردار علائقي ۾ امن لاءِ اميد جو ڪِرڻو بڻجي سگهي ٿو. سفارتڪاريءَ جي هن عمل ۾ رڳو پاڪستان ئي نه پر ترڪي ۽ مصر پڻ سرگرم نظر اچن ٿا. ترڪ قيادت خاص طور تي پُرامن حل لاءِ تيز رابطا ڪري رهي آهي. ترڪيءَ جو پرڏيهي وزير هاڪن فدان مختلف ملڪن سان رابطن ذريعي ڇڪتاڻ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ساڳئي وقت آمريڪي خاص نمائندو اسٽيو وِٽڪوف ۽ ايران جو پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان به پس پرده رابطا جاري آهن. ظاهري طور تي سفارتي سرگرميون تيز ٿي ويون آهن پر زميني حقيقتون اڃا به پيچيده آهن. آمريڪا پاران ايران جي توانائي ڍانچي کي نشانو بڻائڻ جي ڌمڪي ۽ ايران جي جوابي خبرداري علائقي کي خطرناڪ موڙ تي آڻي بيهاريو آهي. جيڪڏهن توانائي مرڪزن تي حملا ٿين ٿا ته ان جا اثر رڳو ٻن ملڪن تائين محدود نه رهندا پر سڄي خطي جي معاشي ۽ انساني سلامتي متاثر ٿيندي.

صدر ٽرمپ پاران ايران جي پاور پلانٽن تي حملي جي ڌمڪيءَ کي عارضي طور ملتوي ڪرڻ کي ڪجهه مبصر مثبت اشارو سمجهن ٿا. پر سوال اهو آهي ته ڇا اهي قدم واقعي سفارتي ڪوششن جو نتيجو آهي يا رڳو عارضي حڪمتِ عملي؟ هن مرحلي تي ڪا حتمي راءِ قائم ڪرڻ مشڪل آهي. عالمي سياست ۾ اهڙا فيصلا گهڻو ڪري دٻاءُ، معاشي مفادن ۽ اتحادي ملڪن جي اثر هيٺ ٿيندا آهن. ماهرن جو خيال آهي ته ثالثيءَ جون ڪوششون اڃا ابتدائي مرحلي ۾ آهن ۽ ڪنهن وڏي پيشرفت جا آثار نظر نٿا اچن. تجزيا نگارن موجب ايران پاڻ کي مضبوط پوزيشن ۾ سمجهي رهيو آهي ۽ هن تڪرار کي پنهنجي قومي بقا جو معاملو قرار ڏئي ٿو. اهڙي سوچ سان فوري مفاهمت جا امڪان گهٽ ٿين ٿا. ٻئي طرف آمريڪا به پنهنجي عالمي اثر رسوخ ۽ اتحادي دٻاءُ کي نظر ۾ رکندي فيصلا ڪري رهيو آهي. ماضيءَ ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳجهي سفارتڪاري اڪثر عمان ۽ قطر ذريعي ٿيندي رهي آهي، تنهنڪري پاڪستان لاءِ اهو ڪردار نئون ضرور آهي پر ناممڪن ناهي. پاڪستان جيڪڏهن سنجيدگي، غيرجانبداري ۽ مستقل مزاجيءَ سان ڪوششون جاري رکي ٿو ته هو عالمي سفارتڪاريءَ ۾ هڪ ذميوار ۽ بااعتماد ملڪ طور پاڻ مڃائي سگهي ٿو. پاڪستان لاءِ هيءُ موقعو رڳو سفارتي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو ناهي پر پنهنجي عالمي ساک بهتر بڻائڻ جو پڻ آهي. امن جي ڪوشش ۾ ڪاميابي ملڻ سان پاڪستان خطي ۾ استحڪام، واپار ۽ توانائي منصوبن لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪري سگهي ٿو. خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن عالمي معيشت دٻاءُ هيٺ هجي، جنگ بدران ڳالهين جو رستو سِيني لاءِ فائديمند آهي. هتي اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته جنگ ڪنهن به مسئلي جو مستقل حل ناهي. تباهي انساني جاني نقصان ۽ معاشي بحرانن کان سواءِ جنگ ڪجهه به نٿي ڏئي. پاڪستان، ترڪي ۽ ٻيا ملڪ جيڪڏهن ايمانداريءَ سان سفارتي ڪوششون جاري رکن ٿا ته شايد ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۾ ڪين ڪاميابي ملي سگهي. دنيا کي هٿيارن کان وڌيڪ ڳالهين جي ضرورت آهي ۽ خطي جي امن لاءِ هر ذميوار ملڪ کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

لطيفي لات — **شاهه عبداللطيف ڀٽائي**

سَاهَڙَ ڏاران سُهڻِي، آهي ۾ آزارَ؛
ڏَمَ پاسي ۾ ڏُڪندو، صِحَتَ وَٽِ سَنگهارَ؛
توڏِيءَ سَندي تَنَ جِي، دَوا ۾ دِيدارَ؛
جي پَسي مُنهن ميهارَ، ته سِگهيائِي سَگهِي ٿِئي

(سُرُ سهڻي)

ناميارِي صحافي نور محمد جيسر جي شخصيت!

غلام حسين لغاري

اڄ جو ڏينهن اهو بدنصيب ۽ ڏکوئيندڙ ڏهاڙو آهي، جڏهن نوشهروفيروز واسي سنڌ جو برک صحافي نور محمد جيسر ڪراچيءَ ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو هو. هيءُ انهن ڏينهن جو واقعو آهي جڏهن آئون صحافت ڇڏي ايگريڪلچر آفيسر ٿيو هئس ۽ مرحوم مونسان ملڻ ۽ مبارڪون ڏيڻ آيو هو. دادو واسي دوست منظور پيرزادي سان اهوڪي ڏينهن صبح جو ڏهه وڳي موٽر سائيڪل تي ڪم ڪارسانگي وڃي رهيو هو ته ڪراچيءَ جي هڪ وڏي صنعتڪار جي فرزند جي تيز رفتار ڪار جي زد ۾ آيو هو. ان وقت جي وزيرزراعت سائين مراد علي شاهه ۽ وزيرِ صحت عبدالوحيد ڪٽپر جي همدرداڻي سهڪار سان آئون ۽ اسان ٻنهي جو دوست مير محمد گاڏهي (ٽرانسپورٽ ليبر يونين دادوءَ جو صدر) مير محمد گاڏهي بلوچ جناح اسپتال مان ايمبولينس وسيلي ميت کڻي سندس اباڻي ڳوٺ پهتاسين جتي کيس اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو هو. جڏهن مرحوم جي ميت سان دادو پئي آياسين ته ان رات بلوچ مينگلن لکيءَ وٽان انڊس هاءِ وي ۽ ريل جي پٽڙين تي حملو ڪيو هو جنهن جي ڪري روڊ بند هجڻ ڪري ٽريفڪ بند هئي. پر ان وقت جي ايس ايس پي دادو محترم پير بخش بلوچ مرحوم جي ميت کي سلامي ڏني ۽ پوليس پروٽوڪول ۾ ميت واري گاڏيءَ کي بالحفاظت لکي شاهه صدر کان پاس ڪرائي سيوهڻ تائين پهچايو هو. مرحوم نور محمد جيسر جو ڪراچي وارو دورو آخري نصيب ٿيس حادثي کان هڪ ڏينهن اڳ روزاني هلال پاڪستان جي سينيئر نيوز ايڊيٽر اسلم آزاد کيس رات جي ماني جي دعوت ڏني هئي جيئن ته آئون به ان وقت ڪراچيءَ ۾ نئون نئون هئس محمود آباد وڻ ۾ منظور احمد پيرزادي وٽ رهندا هئاسين جيڪو فش هاربر تي آفيسر هو ۽ سندس پاڻ فوڊ کاتي ۾ نئون نئون ڀرتي ٿيو هوءِ فوڊ انسپيڪٽر هو، منهنجو ۽ نور محمد جيسر جا گڏيل دوست هئا. شهيد نور محمد جيسر صحافت ۾ مون کان به سينيئر هو.

هن صحافت جو آغاز گهوٽڪيءَ جي گيلاني سيد مرشد گيلانيءَ جي هفتيوار اخبار ۾ سب ايڊيٽر سان ڪيو هو سيد صفدر شاهه جيڪو دادو ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر انفارميشن بعد ۾ سيڪريٽري انفارميشن تي رٽائر ٿيو هو هن خاندان جو چشم ۽ چراغ آهي مرحوم نور محمد جيسر گهوٽڪيءَ مان دادو پهتو ته سندس پهريون تعلق ”هفتيوار اخبار اظهار“ جي مالڪ ايڊيٽر مرحوم محمد مثل شاهي سان ٿيس جنهن جي اخبار ۾ هن لکڻ شروع ڪيو. جيئن ته ان وقت روزاني اخبارون محدود هيون پاڻ به اظهار سان محدود رهيو جيئن حيدرآباد مان اڄ تائين شايع ٿيندڙ هلال پاڪستان جو آغاز ٿيو ته مرحوم اخبار جي ايڊيٽر شيخ علي محمد جي سهڪار سان ان جو دادو ضلعي ۾ آئون نمائندو ٿيس 1970ع واري دور ۾ هن ٻ ٻ جي سربراهه شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي چونڊ مهم جي ڪوريج ڪرڻ لڳو. سنڌ ۾ سائنس مهم جو حصو رهيو ۽ شهرت ماڻيائين جڏهن مون هفتيوار محافظ سنڌ دادو مان ڪڍي ته پاڻ ان جو ايڊيٽر ٿيو ۽ سندس وفات بعد سندس فرزند موجوده سينيئر دوست علي جيسر به هفتيوار محافظ سنڌ جو ايڊيٽر رهيو.

شهيد نور محمد جيسر صحافي ته هو پر پاڻ سنڌ جي هيٺين طبقي جي ماڻهن پورهيتن جو هڏوڪي به رهيو انهن جي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ ميڊيا تي آڻڻ سندس مشن هوندو هو سنڌ جي انهن طاقتورن کي واڪو ڪيو جن ڪوڙن ڪليمن وسيلي سنڌ جي هارين ۽ ملڪن جون زمينون ڪوڙن ڪليمن وسيلي قبضيون هيون. جنهن تي روينيو ڪامورا جن کي ان وقت مئجسٽريٽي اختيار هوندا هئا. مرحوم ۽ مون خلاف انتقامي ڪاروايون ڪرڻ لڳا پر ان وقت جي ڪمشنر حيدرآباد محمد يوسف خان ڊپٽي ڪمشنر دادو طارق امين جي مهربانيءَ سان اهي ڪاروايون ته ٿي نه سگهيون پر روينيو جا اهي ڪامورا پنهنجا عهدا وڃائي ويٺا. طارق محمد امين جي ڏورن سان اسان پريس ڪلب دادو جي موجوده هنڌ واري عمارت ورتي هئي عبوري آئين ٺاهيو ۽ پريس ڪلب جا پهريان بنيادي آرگنائيزر ٿياسين جونئون ڪرايونسين جيڪو وڏو اعزاز آهي جڏهن نور محمد حادثي جو شڪار ٿيو ته مرحوم جو موهي فرزند دوست علي جيسر صحافت ۾ آيو ۽ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ هڪ اخبار جو

مسلم دنيا جي واحد ايٽمي طاقت طور پاڪستان جو ڪردار!

جنيد احمد

وچ اوڀر ۾ جنگ واري نازڪ صورتحال ۾ پاڪستان جو مرڪزي ثالث طور سامهون اچڻ رڳو هڪ سفارتي پيشرفت ناهي پر ان جي عالمي حيثيت، فوجي وزن ۽ اسلامي دنيا ۾ اثر رسوخ جو به عڪس آهي. برطانوي خبررسان اداري جي هڪ رپورٽ موجب پاڪستان پس پرده سفارتڪاريءَ ذريعي تڪرار گهٽائڻ لاءِ سرگرم آهي، جنهن پاڪستان کي عالمي سياست جي مرڪز ۾ آڻي بيهاريو آهي. اها صورتحال پاڪستان جي ان منفرد حيثيت کي وڌيڪ اهم بڻائي ٿي، جيڪا کيس مسلم دنيا جي واحد ايٽمي طاقت هئڻ سبب حاصل آهي.

پاڪستان 1998ع ۾ ايٽمي قوت بڻجي اسلامي دنيا ۾ هڪ منفرد سڃاڻپ حاصل ڪئي. ايٽمي صلاحيت ڪنهن به ملڪ لاءِ صرف دفاعي هٿيار ناهي هوندي پر اها عالمي طاقت جي توازن، سفارتي اثر ۽ سياسي وزن جي علامت هوندي آهي. پاڪستان جي ايٽمي حيثيت کيس اهڙي پوزيشن تي بيهاري ٿي، جتان هو مسلم ملڪن جي سلامتي ۽ سياسي مفادن بابت اهم آواز بڻجي سگهي ٿو.

اسلامي دنيا گهڻي عرصي کان سياسي عدم استحڪام، جنگين ۽ ٻاهرين مداخلتن جو شڪار رهي آهي. اهڙي ماحول ۾ پاڪستان واحد ملڪ آهي جيڪو عسڪري طاقت، آبادي، جاگرافيائي اهميت ۽ ايٽمي صلاحيتن جي بنياد تي هڪ مضبوط محافظ جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

تازن سفارتي رابطن ۾ پاڪستان جي فوجي ۽ سياسي قيادت جو متحرڪ نظر اچڻ اهم آهي. پاڪستان جي آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير جو ٽرمپ سان رابطو ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي ايران جي صدر مسعود پزشڪيان سان ڳالهه ٻولهه پاڪستان جي سفارتي ڪوشش جو ثبوت آهن. اهي رابطا ظاهر ڪن ٿا ته پاڪستان ٻنهي ڌرين سان ڳالهائڻ جي صلاحيت رکي ٿو. آمريڪا سان ڊگها دفاعي ۽ اسٽريٽجڪ لاڳاپا، جڏهن ته ايران سان مذهبي، ثقافتي ۽ سرحدي ويجهڙائپ پاڪستان کي هڪ قدرتي ثالث بڻائين ٿا.

مسلم ملڪن ۾ گهڻا ملڪ يا ته اندروني مسئلن ۾ ڦاٿل آهن يا عالمي طاقتن جي اثر هيٺ آهن. اهڙي وقت ۾ پاڪستان کان اميد ڪئي وڃي ٿي ته هو اسلامي ملڪن جي گڏيل مفادن جو تحفظ ڪري. پاڪستان جي ايٽمي طاقت اسلامي دنيا لاءِ علامتي اهميت رکي ٿي. اها احساس ڏياريندي آهي ته مسلم دنيا مڪمل طور ڪمزور ناهي. پاڪستان سفارتڪاري ذريعي جنگ روڪڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ته اها اسلامي دنيا لاءِ هڪ وڏي اخلاقي ۽ سياسي ڪاميابي هوندي. ان سان مسلمان ملڪن ۾ گڏيل اتحاد جو احساس وڌي سگهي ٿو. پر ايٽمي طاقت هجڻ باوجود پاڪستان کي انتهائي محتاط سفارتڪاري ڪرڻي پوي ٿي. عالمي طاقتون ايٽمي ملڪن کي وڏي ذميواري سان ڏسن ٿيون. ڪنهن به غير متوازن بيان يا قدم سان خطي ۾ ڇڪتاڻ وڌي سگهي ٿي. تنهنڪري پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته غيرجانبداري، تدبر ۽ سفارتي حڪمتِ عملي سان اڳتي وڌي. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ کي اهڙي توازن جي ضرورت آهي، جتي هو اسلامي دنيا جي حمايت به ڪري ۽ عالمي قانونن ۽ امن جي اصولن تي به قائم رهي.

وچ اوڀر ۾ جنگ پاڪستان لاءِ سڌي ريت نقصانڪار ٿي سگهي ٿي. توانائي بحران، واپاري رستا، سامونڊي سلامتي ۽ معاشي دٻاءُ پاڪستان کي متاثر ڪري سگهن ٿا. تنهنڪري پاڪستان جي ثالثي رڳو اخلاقي ذميواري نه پر قومي مفاد پڻ آهي. امن قائم ٿيڻ سان پاڪستان کي واپاري، معاشي ۽ سفارتي فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا. چين پاڪستان اقتصادي راهه داري (سي پيڪ) جهڙا منصوبا پڻ علائقائي امن سان ڳنڍيل آهن.

سفارتي اتحادن جي نئين ترتيب: پاڪستان، ترڪي ۽ مصر جهڙن ملڪن جي گڏيل سفارتڪاري اسلامي دنيا ۾ نئين بلاڪ جي شڪل اختيار ڪري سگهي ٿي. ترڪيءَ جي پرڏيهي وزير هاڪن فدان جا سرگرم رابطا ۽ عالمي سطح تي امن لاءِ ڪوششون ظاهر ڪن ٿيون ته مسلم دنيا جا اهم ملڪ هاڻي وڌيڪ ذميواريءَ سان اڳتي وڌڻ چاهين ٿا. اهي گڏيل ڪوششون اسلامي دنيا جي سفارتي حيثيت مضبوط ڪري سگهن ٿيون.

بهرحال پاڪستان جيڪڏهن ڪامياب ثالث ثابت ٿئي ٿو ته عالمي سطح تي ان جي ساک بهتر ٿيندي. هو رڳو هڪ علائقائي ملڪ نه پر ذميوار عالمي طاقت طور سڃاتو ويندو. اها حيثيت مستقبل ۾ سياسي، معاشي ۽ دفاعي معاهدن لاءِ فائديمند ثابت ٿيندي.

پروپيگنڊا ۽ حقيقت!

مجيد اصغر

هو آمريڪا جو خيرخواهه نه آهي پر اسرائيل جي ڪٺپتلي آهي. هو لڳاتار ڪوڙ ڳالهائيندو پيو وڃي هڪ ساهه ۾ چوي ٿو ته هن ايران کي دنيا جي نقشي تان مٽائي ڇڏيو آهي. ان جي هوائي فوج تباهه ڪري ڇڏي آهي. بحري فوج ختم ڪري ڇڏي آهي. فوجي ...

دنيا ۾ معاشي زلزلو اچي ويو آهي. پيٽرول جون قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن. مهانگائي ناقابل برداشت بڻجي وئي آهي. ٻاهرين ملڪ سڌي طرح جنگ ...

... ٽيڪنالاجي ذريعي ايران جي رهبر معظم، قومي سلامتيءَ جي صلاحڪار ۽ ڪجهه جنرل شهيد ڪيا ويا. ميزائل ۽ ڊرون حملن سان به نقصان ٿيو پر غير جانبدار پرڏيهي ذريعن ثبوتن سان تصديق ڪئي آهي ته هن غيراخلاقي جنگ جي صرف پهرين ڏهن ڏينهن ۾ پنهنجي قومي ناٽي مان لڳ ڀڳ 1300 ارب ڊالر خرچ ڪري ڇڏيا آهن ۽ جنگي ڪاتي وڌيڪ 200 ارب ڊالر گهريا آهن. ايران آبناءِ هرمز بند ڪري تيل جي فراهمي روڪي ڇڏي آهي. جنهن سبب سڄي ...

... ڪناري کان پري هٽايو ويو آهي. جتان ايران تي حملا ڪيا پئي ويا.

هو جڏهن کان وائيٽ هائوس ۾ آيو آهي. تڏهن کان پنهنجي ملڪ جي آئين، روايتن ۽ عالمي قانونن کي ڪا به اهميت نه ڏني آهي. آمريڪي عدالتون وڏي بهادريءَ سان فيصلا ڏئي رهيون آهن پر هن کي نه گڏيل قومن جي پرواهه آهي ۽ نه پنهنجي قوم جي. هو اهو ڪم مڪمل ڪرڻ چاهي ٿو جيڪو هٽلر ۽ مسوليني اڌ ۾ ڇڏي ويا هئا.

بجلي واري شعبي ۾ سڌارا...

شاهد ڪاردار

عوام کي عملي طور تي هن ڳالهه تي مجبور ڪيو ويو آهي ته آهي بجليءَ جا تمام گهڻا مهانگا بل ڀريندا رهن. جيئن بجليءَ وارو نظام ۽ ان سان لاڳاپيل ادارا هلندا رهن. پر ان هوندي به اِهو شعبو مالي طور مضبوط ناهي، اڃا به ڪمزور آهي. هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته آخر اسين هيستائين ڪيئن پهتاسين؟ هن صورتحال جا وڏا سبب صاف نظر اچن ٿا: نااهلي، ڪمزور انتظام، ڪرپشن ۽ دنيا ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ ٽيڪنالاجي تبديليون، جهڙوڪ سولر انرجي. اسان جي ملڪ ۾ بجلي پيدا ڪرڻ جو خرچ سراسري طور في يونٽ لڳ ڀڳ 22 رپيا آهي، پر صارفين کان تقريباً 60 رپيا ورتا پئي ويا (خاص ڪري صنعتي اڳهن ۾ تبديلي کان اڳ تائين). مطلب ته ماڻهن کي مهانگي ۽ غير يقيني بجلي ملي رهي آهي. ان جا سبب هي آهن: بجلي جي ترسيل ۽ ورڇ دوران وڏو نقصان ٿئي ٿو (ٽيڪنيڪل مسئلا به آهن ۽ چوري به ٿئي ٿي). ان کان علاوه ڳرا ٽيڪس ۽ ڪيترن ئي ماڻهن طرفان بل ادا نه ڪرڻ به مسئلو آهي. انهن سڀني سببن ڪري ملڪ کي هر سال لڳ ڀڳ هڪ هزار ارب رپين جو نقصان ٿئي ٿو. ساڳئي وقت، سولر بجلي سستي ٿيندي وئي، جنهن ڪري گهرن ۽ ڪارخانن وارن ماڻهن وڏي انگ ۾ سولر سسٽم لڳايا آهن. لڳ ڀڳ 19 هزار ميگاواٽ تائين. انهيءَ ڪري هاڻي ماڻهن جي سرڪاري بجلي (گرڊ) وٺڻ جي ضرورت گهٽجي وئي آهي.

بجلي واري شعبي ۾ تمام ڪمزور پلاننگ ڪئي وئي حڪومت اهڙيون پاليسيون ناهيون، جن سان ڪمپنين (آءِ پي پيز) سان اهڙا معاهدا ڪيا ويا جو ملڪ جي ضرورت کان به وڌيڪ بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت لڳائي وئي ۽ اهي معاهدا به صحيح نموني سان تيار نه ڪيا ويا. هڪ ته انهن معاهدن ۾ ماهرن کان گهڻي صلاح نه ورتي وئي، ٻيو وري اهي به الزام آهن ته انهن ۾ پنهنجن ماڻهن کي فائدو ڏنو ويو ۽ شفافيت به گهٽ هئي. انهن معاهدن ۾ هڪ وڏو مسئلو اِهو به آهي ته ڪرنسي جو ميل نٿو بيهي. بجلي وڪرو ڪري آمدني ته پاڪستاني رپين ۾ ٿئي ٿي، پر ڪمپنين کي منافعو ڊالر ۾ ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو آهي. پاور پلانٽ لڳائڻ وارن سان به تمام نرم شرطون رکيون ويون، جهڙوڪ 80-20 جو حساب، يعني 20 سيڪڙو پنهنجو پيسو ۽ 80 سيڪڙو قرض کڻي به پلانٽ لڳائي سگهجي ٿو. ان کان علاوه حڪومت انهن ڪمپنين کي پڪي گارنٽي ڏني ته معاهدي تي عمل ضرور ٿيندو. انهن کي 15 کان 17 سيڪڙو تائين پڪو منافعو به ڏنو ويو، اهو به ڊالرن ۾. ٽيڪس ۾ به ڇوٽ ڏني وئي ۽ اِهو به لکيو ويو ته جيڪڏهن ڪو خطرو ٿيندو ته گهڻو ڪري حڪومت ئي برداشت ڪندي. فيول چونڊڻ تي به ڪا پابندي نه لڳائي وئي، جنهن ڪري مهانگا فيول جهڙوڪ ڊيزل ۽ فرنس آئل به استعمال ڪيا ويا. وڌيڪ حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته سرڪاري بجلي گهرن کي به ساڳيون نرم شرطون ڏنيون ويون، جڏهن ته اهي گهڻو ڪري غير ماهر ماڻهو هلائيندا آهن. انهن سڀني ڳالهين جو نتيجو اهو نڪتو جو مشهور ’گردشي قرضو‘ پيدا ٿيو جنهن ڪري صنعتن لاءِ ٻين ملڪن سان مقابلو ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو ۽ ڪاروبار مهانگو بڻجي ويو، اهڙيءَ طرح ملڪ جي پائيدار معاشي ترقي جا ...

... ٿي، ته بجلي جا اگهه به وڌن ٿا، جنهن ڪري ماڻهو گهٽ بجلي وٺن ٿا. ڪيترين ٽيڪسٽائل فيڪٽريون ته بند ٿي ويون ۽ ڪجهه ٻين سرڪاري بجلي ڇڏي متبادل ذريعا (جهڙوڪ سولر) اختيار ڪري ورتا. معيشت سستي هئڻ ۽ طلب گهٽ ٿيڻ جو مطلب اِهو آهي ته جيڪي مقرر ڪيل ڪيپيسٽي پيمنٽس آهن، اهي هاڻي گهٽ صارفين مان وصول ڪيا پيا وڃن. نتيجي ۾ بجلي جا اگهه وڌيڪ وڌي وڃن ٿا. ان تي وري ٽيڪس ۽ اضافي چارجز به آهن، جيڪي بل جو لڳ ڀڳ 35 سيڪڙو حصو بڻجن ٿا، جنهن سان عوام تي وڌيڪ بار پوي ٿو.

اڄوڪو ڏينهن - 25 مارچ

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو



شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جو شمار سنڌ جي برک اديبن، دانشورن ۽ تعليمي ماهرن ۾ ٿئي ٿو. هن انمول انسان جو جنم 25 مارچ 1896ع تي سيوهڻ تعلقي جي مشهور ڳوٺ تلتيءَ ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم تلتيءَ جي پرائمري ۽ اي وي اسڪول ۾ حاصل ڪيائين ان بعد تي سال نوشهري فيروز مدرسي ۾ پڙهيو مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسة الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. جنهن ۾ سڄي سنڌ ۾ پهرين نمبر آيو هن بي اي جي سنڌ ڊي جي ...

فارم تان ڪيترائي يادگار ثقافتي پروگرام پيش ڪيا. هن ڪيترائي نوان سنڌي فنڪار به متعارف ڪرايا. هن مختلف راڳيندڙن جي آواز ۾ 100 کان وڌيڪ آڊيو ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ آڻي سنڌي موسيقيءَ کي مقبول بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن جون 1987ع ۾ زندگيءَ جي اسٽيج تان هميشه لاءِ موڪلايو.

پاٺو هيمن

پاٺو هيمن جو جنم 25 مارچ 1934ع تي ...

مختيار اڙائي

هو اڃا ننڍو ئي هو جو سندس والد اباڻو ڳوٺ ڇڏي اچي پڊعيدن ۾ آباد ٿيو. ان ڪري منصور جي زندگيءَ جو گهڻو حصو پڊعيدن ۾ ئي گذريو هو نوشهري فيروز ۽ شهيد بينظير آباد ضلعن جي مختلف تعليمي ادارن ۾ پڙهيو ايم بي بي ايس جي سند لياقت ميڊيڪل ...

جاگيردارن جي موقعا پرستي“ (ترجمو)، ”سنڌ جي سياسي تاريخ“ (ترجمو)، ”سنڌ جي جديد تاريخ“ (ترجمو)، ”سنڌ جون راڻديون“، ”تاريخي ماديت“ (ترجمو) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

ڪاشف حسين سومرو

ڪاشف حسين سومرو سنڌي ۽ اردو ٻولين جو مشهور ليکڪ آهي هن جو جنم 25 مارچ 1982ع ۾ شڪارپور ۾ ٿيو ايم اي (اردو) ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين هن واپڊا ۾ ميٽر ريڊر طور پنهنجي ...

جيٺانند پرڀداس لالواڻي



ڊاڪٽر محبت برڙو



مختيار گهمرو

استاد ڀيو خان

ملوڪ لنڊ



مظهر ابڙو

موهن چاڀڙيا

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل سيشن جج I ڄامشورو
(روبرو جناب الطاف حسين بجراڻي)
سڪسيشن درخواست نمبر 15 سال 2026

اشفاق گوهر ولد الطاف علي گوهر مسلم بالغ ذات پٺي رهندڙ گهرنمبر 38-39 ظفر هائوسنگ سوسائٽي ڄامشورو ڦاٽڪ تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو. ايپليڪينٽ ..بخلاف.. (1) الطاف گوهر پٺي (2) ارم گوهر (3) فاطمه نور سپ پٽ ڏيٽرون الطاف علي گوهر سيريل نمبر 03 مائنر معرفت گارڊين اشفاق گوهر رهندڙ رهندڙ گهرنمبر 38-39 ظفر هائوسنگ سوسائٽي ڄامشورو ڦاٽڪ تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (4) مينيجر NBP ايل ايم سي برانچ ڄامشورو (5)مينيجر NBP ڪوٽڙي برانچ (6) انچارج نادرا آفيس ڪوٽڙي (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 30-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل سيشن جج I ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
ايف سي سوٽ 119 سال 2026

عبدالقادر بروهي ولد غلام حسين رهندڙ ڳوٺ محمد خان بروهي ٽنڊو محمد خان روڊ سري حيدرآباد سيل نمبر 03163995759.. پلينٽف ..بخلاف.. مسمات عشرت فاطمه زال مرحوم اياز علي بڙدي رهندڙ ڳوٺ علڻ بڙدي ٽنڊو محمد خان روڊ سري حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف سوٽ فار رڪوري اماؤنٽ -/105.0000 روپيالاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج II ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ سال 2026

مسمات آصفه عمراڻي ڌيءِ شمس الدين معرفت اٽارني ذين العابدين رهندڙ گهر نمبر 778/B پاٽولي محلا ٽنڊو الهيار. پلينٽف ..بخلاف.. عبدالقادر عمراڻي ولد عبدالعزيز عمراڻي رهندڙ حيدرآباد ٽائون فيز 1 نزد گول مسجد گهر نمبر A/6 قاسم آباد حيدرآباد 03463185052 .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج II مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
گارڊين سوٽ سال 2025

خدابخش ولد امام بخش ذات سولنگي رهندڙ وارڊ نمبر 20 Gachero مورو ضلعو نوشهروفيروز. ايپليڪينٽ ..بخلاف.. (1) مسمات روزينا زال خدا بخش (2) الهي بخش ولد خدا بخش (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..ايونٽس (1) قلندر بخش ولد خدا بخش (2) غوث بخش ... مائنر

نالي مٿئين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
گارڊين سوٽ 05 سال 2026

محمد ڪيف ولد خير محمد ڏاهري رهندڙ محلا مير وارڊ نمبر 02 ڪاليج روڊ ٽنڊو جان محمد تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص .. ايپليڪينٽ ..بخلاف.. (1) مسمات سدوري بيواهه خير محمد (2) مسمات رابعه بيواهه خير محمد (3) اويس الله ولد خير محمد (4) سيف الله ولد خير محمد (5) مخدوم عبدالحسن ولد خير محمد (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ... ايونٽس (1) محمد جام ولد خير محمد (2) ماهروز ڌيءِ خير محمد ... مائنر

نالي مٿئين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

پيءُ جي نالي جي درستي

جيئن ته منهنجي تعليمي سرٽيفڪيٽ ۾ غلطي سان منهنجي والد جو نالو سجڻ علي لکجي ويو آهي . جيڪو صحيح ڪري سجڻ لکيو ۽ پڙهيو وڃي

پر ويشا PARWESHA ولد سجڻ محلو پير پٽ شاهه تعلقو ۽ ضلعو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات فائزا ڪوثر ڌيءِ پير علي قطب شاهه درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي پير علي قطب شاهه ولد پير ملوڪ شاهه جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه چيڙانڊي ٽپو دونگهڙي تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 228 ۽ ٻين ۾ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي نالي پير علي قطب شاهه ولد پير ملوڪ شاهه جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 مسمات فائزا ڪوثر ڌيءِ فوتي جي جائز وارث ڄاڻيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

لاتعلقي جو اظهار

هر عام و خاص ماڻهن لاءِ پڌرو ڪجي ٿو ته آئون نالي عثمان سومرو ولد محمد سومرو پڌرو ٿو ڪريان ته منهنجو پٽ نالي غلام شبير ولد عثمان سومرو جيڪو غلط ماڻهن جي سنگت صحبت ۾ اچي خراب ٿي ويو آهي اسان جي چوڻ ۾ ن آهي ڪافي سمجهائڻ باوجود نه پيو سمجهي هاڻي بيزار ٿي اچ ڪانپوءِ غلام شبير ولد عثمان سومرو سان لاتعلقي ٿو ڪريان منهنجو ساڻس هاڻي ڪوبه واسطو تعلق نه آهي پاڻ ڪنهن سان ڪاڏيتي ليتي ڪندو يا ڪو به سرڪاري غير سرڪاري ماڻهو ساڻس ڪابه ڏيتي ليتي ڪندو يا ڪو غير قانوني ڪم ڪندو ته ان سان منهنجو جو واسطو نه آهي ان جو خود هو پاڻ ذميدار هوندو هي بيان منهنجو رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

عثمان سومرو ولد محمد سومرو ويٺل ڳوٺ الهڏنو سومرو ابو شيخا وارڊ نمبر 6 بدين

بقايا 1 روزاني "عبرت"

فائرنگ ۾ 35 سالا نوجوان سادات وساڻ ٿلڙي تي قتل ٿي ويو، هٿيارٻندن سڌا فائر ڪري مير پاڙي جي نظر محمد شاهه دولهه واري پڙ جي اڳيان دڪي تي ويٺل نوجوان سادات وساڻ تي سڌا فائر ڪيا، نوجوان کي ڳلي ۽ مٿي ۾ گولي لڳي جنهن سبب هو ٿلڙي تي قتل ٿي ويو، قتل ٿي ويل پورهيت نوجوان جي لاش کي پوليس پوسٽ مارٽم لاءِ سرڪاري اسپتال ڪڻائي آئي، پوسٽ مارٽم بعد وارث لاش کي مير پاڙي کڻائي ويا، جتي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، پوليس جو چوڻ آهي ته وارث جيڪا ايف آءِ آر داخل ڪرائيندا، انهن جي مطابق ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي، جوابدار جي گرفتاري لاءِ پوليس ڇاپا هڻي

جي صفينه، 19 سالن جو مزمل، 12 سالن جو محمد عاطف، 6 سالن جو يوسف، 2 سالن جو عبدالقادر، 4 سالن جو حسن علي ڪبر شامل آهي جيڪي ڳوٺ محمد صادق ڪبر سيٺارجا ضلعو خيرپور ميرس جا رهواسي آهن سڀني زخمين کي سول اسپتال مورو منتقل ڪيو ويو آهي سول اسپتال مورو ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي ۽ انهن کي طبي امداد ڏني وئي ويگن ۾ سوار ماڻهو قلندر شهباز جي مزار تي زيارت

ويا. جنهن بعد ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي

بقايا 25 روزاني "عبرت"

اسين ڪيترائي ڀيرا پوليس جي اعليٰ عملدارن کي درخواستون به ڏنيون پر هن خلاف ڪوبه ايڪشن نه پيو ٿئي هتي چيو ته گذريل ڪيترن ئي سالن کان اي ايس آءِ عابد ملغاڻي پنهنجي گهرواري دوداپور ٿاڻي تي مقرر ٿيل آهي ۽ ساڳئي ٿاڻي تي اسان خلاف استعمال ڪندي ڪوڙا ڪيس داخل

جي ابتدائي طبي امداد ڏئي نبي بخش خاصخيلي کي ايمرجنسي جي بنياد تي ڪراچي ٽراما سينٽر ريفر ڪيو ويو آهي.

بقايا 33 روزاني "عبرت"

ته هو مقتول جي 8 ورهين جي ننڍي پيڻ سان زبردستي پسند جي شادي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيو هو ۽ انڪار ڪرڻ تي ڇٽن ٻارڙن جي ماءُ کي قتل ڪري ڇڏيو آهي مظاهرين غلام قادر مشوري، عاشق حسين مشوري، خادم مشوري ۽ غلام فاطم

تارون ۽ جهڪيل ٿنڀا ڪنهن به وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهن ٿا، جنهن سبب خوف ۽ بيچيني واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي علائقي جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته بجلي جي فراهمي به بار بار معطل ٿي رهي آهي جنهن ڪري ڪاروباري سرگرميون تعليم ۽ گهريلو زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي گرمي جي موسم ويجهو اچڻ سان مسئلو وڌيڪ شدت اختيار ڪرڻ جو انديشو ظاهر ڪيو ويو آهي.

آهي ڪين ڪان وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون ته هٿيار ڪورٽ جي احاطي ۾ ڪيئن پهتو هن اهو پڻ ٻڌايو ته ممڪن آهي ته ڪورٽ جون پيشيون ڏنيون ۽ زبون حال هجڻ جي هٿيار اندر آيو هجي وڌيڪ ان معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون هٿي پاسي پوليس ملهار ۽ جنيد جوڻيجو کي سخت پوليس پهري هيٺ پاڻ سان گڏ ڪئي

عروج واري دور ۾ سنڌ دهشتگردي جو مقابلو درس قرآن سان ڪيو ۽ ڪراچي ۾ سنڌي نالو وٺڻ وارو ڪوناهي هن ڪارڪن کي هدايت ڪئي ته هو پي پي پي جي ڪرپشن کي بي نقاب ڪن ۽ عوامي مسئلن تي روڊن تي نڪرن

بقايا 16 روزاني "عبرت"

لفظ پلي سادا سودا هجن پر آهي اخلاق جي دائري ۾ هجن ڪامريڊ غلام رسول عمراڻي چيو ته سنڌ هميشه سورهيه پٽ ڄڻيا آهن جن ڌرتيءَ جي بقا لاءِ جنگ وڙهي آهي حق حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي هڪ ٿيڻو پوندو

ريول اهي سعيدآباد ٿاڻي جو ڪرتا ڌرتا بڻيل آهي

بقايا 40 روزاني "عبرت"

ته دادو شهر اندر مختلف وقتن تي اهڙا واقعه پيش اچن ٿا جن کان دادو پوليس ڏيتي ليتي ڪري ڪين آزاد ڪري ڇڏي ٿي

بقايا 32 روزاني "عبرت"

ڏسي ڦورو فرار ٿي ويا، ٻنهي زخمين کي رورل هيلٿ سينٽر چوهڙ جمالي آندو ويو

آفيس آف دي سپرنٽنڊنگ انجنيئر، ڊيزرٽ پٽ فيڊر سرڪل سکر

No.EC/G-148/391

Sukkur Dated: 24/03/2026

خالي آساميون

سنڌ صوبي جو ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان آبپاشي کاتي ۾ هيٺ ڏنل خالي آساميءَ لاءِ درخواستون گهرائجن ٿيون. هيٺ ڏنل آسامين جي سامهون ڄاڻايل تعليمي قابليت ۽ تجربي مطابق، هن اشتهار جي اشاعت کان 15 ڏينهن اندر درخواستون جمع ڪرايون وڃن.

شمار نمبر	پوسٽ جو نالو بي پي ايس سان گڏ	خالي آسامين جو تعداد	عمر جي حد	خالي آساميءَ جو هنڌ	تعليمي قابليت / اهليت جو معيار
01	جونيئر ڪلارڪ (BPS-11)	05	18_28 سال	i. 01 عدد ڊيزرٽ پٽ فيڊر سرڪل سکر ۾. ii. 02 عدد گڏو بئراج ڊويزن ڪشمور ۾. iii. 02 عدد ڪشمور ڊويزن ڪشمور ۾.	(i) ڪنهن به يونيورسٽيءَ مان سيڪنڊ ڊويزن ۾ هاير ايجوڪيشن ڪميشن مان تسليم ٿيل گريجوئيشن. (ii) STBE/ ٽيسٽنگ بورڊ جي تسليم ٿيل اداري مان 6 مهينن جو MS Office سرٽيفڪيٽ ڪورس.

عام هدايتون:

1. اهي اميدوار جيڪي مٿي ڏنل شرطن تي پورو لهن، اهي سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk تي آن لائن درخواست جمع ڪرائين.
2. اميدوارن لاءِ لازمي آهي ته انهن IBA سکر ٽيسٽنگ سروسز (STS) پاران ورتل گريجوئيشن ڪيٽيگريءَ جي جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو مارڪن سان پاس ڪئي هجي ۽ مٿي ڄاڻايل پوسٽ تي مقرري لاءِ STS جو جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ رکندڙ هجن.
3. اميدوارن جي عمر جو حساب درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان ڪيو ويندو. جيئن سنڌ سول سرونٽس (اپر ايج لمٽ ۾ رعايت) رولز 2024 جي رول _7 تحت ڏنل آهي. تنهن هوندي، سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر SOII(SGA&CD)564/2011 (Part-II) تاريخ 06-03-2025 موجب عمر جي مٿئين حد ۾ پنجن سالن جي عام رعايت ڏني ويندي.
4. شروعاتي مقرريءَ لاءِ مخصوص ڪيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي قانون / قاعدن / پاليسيءَ موجب برقرار رکيو ويندو
5. جيڪي اميدوار اڳ ئي نوڪريءَ ۾ آهن، انهن کي درخواست جمع ڪرائڻ کان پهريان پنهنجي لاڳاپيل کاتي مان NOC حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو انٽرويوءَ جي وقت اصل NOC پيش ڪرڻ گهرجي.
6. اميدوارن کي ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي آڏو پنهنجي اصل دستاويزن سان گڏ انٽرويو لاءِ ان شيڊول موجب پيش ٿيڻو پوندو جيڪو جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيو ويندو
7. صرف اهل / شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن کي انٽرويوءَ لاءِ گهرايو ويندو
8. انٽرويوءَ لاءِ ايندڙ اميدوارن کي ڪو به TA/DA نه ڏنو ويندو

سپرنٽنڊنگ انجنيئر
ڊيزرٽ پٽ فيڊر سرڪل سکر

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com | JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT | INF/KRY/1214/2026

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY

پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی

ٹینڈر نوٹس

1- پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی، پیپرا رول نمبر 36(b) کے مطابق، درج ذیل کام کے لیے اہل کنٹریکٹرز / فرمز سے پیشکشیں طلب کرتی ہے۔ پیشکش کنندگان کا پاکستان انجینئرنگ کونسل (PEC) کے ساتھ کم از کم C-6 کیٹیگری میں ME-01 اسپشلائزیشن کوڈ کے تحت رجسٹرڈ ہونا ضروری ہے۔

کام کا نام	زرِضمانت	پیشکش جمع کرانے کی تاریخ/وقت	پیشکش کھولنے کی تاریخ/وقت
CATI میں آرکائیو بلڈنگ پر HVAC سہولیات کا انضمام	250,000/-	17-04-2026 سہ پہر 02:00 بجے	17-04-2026 سہ پہر 02:30 بجے

2- پیشکشیں، مع بڈ سیکیورٹی دستاویز (Bank Draft/Pay Order) جو کہ "PAA DEVELOPMENT" کے حق میں جاری ہو، اور دیگر مطلوبہ دستاویزات، PPRA E-PADS پورٹل http://eprocure.gov.pk کے ذریعے مقررہ تاریخ اور وقت سے قبل الیکٹرانک طور پر جمع کرانا لازمی ہے۔

3- مطلوبہ زرِضمانت کے بغیر جمع کرائے گئے ٹینڈر پر غور نہیں کیا جائے گا۔ زرِضمانت کی اصل دستاویز (سربمہر لفافے میں بند کر کے)، مقررہ تاریخ اور وقت پر (یعنی ٹینڈرز پیشکش کھلنے کے وقت) جمع کرانا ضروری ہے، اور اس کی اسکین شدہ کاپی ساتھ منسلک کی جائے گی۔ زرِ ضمانت بنام PAA DEVELOPMENT ہونا چاہیے۔

4- پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی کسی بھی یا تمام ٹینڈرز کو معقول اور ٹھوس وجوہات کی بنیاد پر قبول یا مسترد کرنے کا مکمل اختیار محفوظ رکھتی ہے، اور درخواست پر ایسی وجوہات پیشکش کنندگان کو فراہم کی جائیں گی۔ تمام ٹینڈر کارروائیاں E-PADS پورٹل کے قواعد وضوابط کے مطابق انجام دی جائیں گی۔

5- **انتباہ:** پیشکش کنندگان / کنٹریکٹرز کی جانب سے بطور ٹینڈر کاسٹ، زرِضمانت / بولی سیکیورٹی یا بینک گارنٹی جمع کرائے گئے پے آرڈر، بینک ڈرافٹ یا دیگر مالیاتی آلات اگر کسی بھی مرحلے (قبل یا بعد از معاہدہ) میں جعلی ثابت ہوں یا متعلقہ بینک/ مالی ادارے کی جانب سے نامنظور / ڈس آنر کر دیے جائیں تو ایسے معاملات میں ملکی قوانین کے مطابق بلیک لسٹنگ اور قانونی کارروائی عمل میں لائی جائے گی۔

اسسٹنٹ ڈویژنل انجینئر ES E&M، سندھ ڈویژن، CATI، ٹیلی فون: 022-9260335-310

پتا: دفتر ڈویژنل انجینئر E&M ، ES E&M ورکس سیکشن، CATI حیدرآباد۔

PID(K) 3084/25

www.paa.gov.pk